# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٠، نمبر ٤

١٩٨١ع

Gul Hayat Institute



سنڌ تعليمي ڪانفرنس ڪراچي (۲۴- نومبر ۱۹۸۱ع) جي موقعي تي سنڌ جو گورنر ليفٽيننٽ جنرل ايس- ايم- عباسي، سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جو معائنو ڪري رهيو آهي. بورڊ جو چيئرمن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ساڻس گڏ آهي. هيٺ: بورڊ جو سيڪريٽري جناب غلام رباني گورنر موصوف کي بورڊ جي ڪتابن جو تحفو پيش ڪري رهيو آهي.



Gul Hayat Institute




جسٽس سيد غوث علي شاهه، وزير تعليم ۽ ثقافت، سنڌ "ڪتابن تي سيمينار "جي
افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي.

Gul Hayat Institute



سيمينار جي مندوبين ٺٽي ۾ سنڌ جي سورهيه دولهه دريا خان جي مزار تي حاضري ڏني ۔

Gul Hayat Institute



سیمینار چې د ستوري اجلاس یې جناب انور عنایت الله ( کراچي ) جناب ډاکټر محمد نواز

" طائر " (پښاور ) جناب خاطر غزنوي (پښاور ) جناب ډاکټر غلام علي الانا ( حیدرآباد )

جناب پُردل خټک ( پښاور ) او ډاکټر جي ۰ ایم ۰ مهکري ( کراچي ) ۰

Gul Hayat Institute



جناب عبدالله ميمڻ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد ڪتابن جي نمائش جو افتتاح ڪيو. ان
موقعي تي سيمينار جو سيڪريٽري جنرل جناب غلام رباني افتتاحي تقريب کي خطاب
ڪري رهيو آهي. ان تقريب ۾ جناب شمس قريشي (ڪراچي) ۽ جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا
(حيدرآباد) پڻ ڪتابن جي مسئلن تي روشني وڌي.

Gul Hayat Institute



جناب عبدالله ميمڻ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ڪتابن جي نمائش جو افتتاح ڪري رهيو آهي.

Gul Hayat Institute



سيمينار جي افتتاح کان اڳ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل مندوبين سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مزار تي حاضري ڏني ۽ گلن جي چادر چاڙهي .



راڳ - راڻي عابده پروين جي سنڌي سرائڪي ڪافين کي مندوبين نهايت پسند ڪيو.

Gul Hayat Institute



مند وبين جو هڪ گروپ فوٽو ۔

Gul Hayat Institute



مندوبين ، حيدرآباد جي قريب سنڌو درياءَ تي ڪوٽڙيءَ واري سوساله پراڻي پل تي ۔

Gul Hayat Institute



ڪشور ناهيد ۽ خاطر غزنوي عابده پروين سان گڏ •



سيمينار جي دستوري اجلاس ۾ ڪراچيءَ جو نمائندو، جناب شمس قريشي پنهنجي مقالي جي سمجهاڻي ڏيئي رهيو آهي. ساڄي کان: محترمه ڪشور ناهيد (لاهور) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي (حيدرآباد) جناب ابراهيم سعد (ڪراچي) جناب غلام رباني (حيدرآباد) جناب مظهر يوسف (ڪراچي) ۽ جناب خاطر غزنوي (پشاور) .



ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽي ، سيمينار جي مڙني عالمن جي مان ۾ الوداعي لنچ ڏني. ان موقعي تي سرڪٽ هائوس ٺٽي جي اڳيان ورتل گروپ فوٽو .



Gul Hayat Institute

سنڌي ساهت سال ڪانفرنس ڪراچي (٢٦- نومبر ١٩٨١ع) جي موقعي تي ڪتابن جي نمائش ۾، وفاقي وزير صحت جناب نصيرالدين جوڳيزئي، بورڊ جي ڪم جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي بورڊ جو چيئرمن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي وزير موصوف کي بورڊ جي طرفان ديني ادب جي اشاعت بابت معلومات ڏئي رهيو آهي. بورڊ جو سيڪريٽري جناب غلام رباني سائس گڏ آهي.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٠]                    [نمبر ٤

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

١٩٨١ع

•

ايڊيٽوريل ڪميٽي

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سيد شاهه محمد شاهه شاد

ايڊيٽر انچارج

نفيس احمد شيخ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ.

# مھراڻ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.

مهراڻ 23888/6
هيڊ آفيس 71176
پريس 22764

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو
(پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ)
۽
سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش

Gul Hayat Institute

قيمت: 00_8 رپيا

ساليانو چندو 00_30 رپيا

Printed by Ghulam Rabbani A. Agro, Seceretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, Sind, and Published by him from Board's office, Sind University, New Campus Jamshoro.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# گذارش

## پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس

تازو اسلام آباد ۾ پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس ٿي گذري، آن جي ڪارگذاريءَ کان ملڪ جا ادبي حلقا خاص طرح سان باخبر آهن. ان قسم جي گڏجاڻين وسيلي، علمي ۽ ادبي نقطهٔ نگاهه کان، ملڪي ترقي ۽ استحڪام لاءِ جي دور رس نتيجا برآمد ٿين ٿا، آنهن جي اهميت ۽ افاديت بنهه تشريح جي محتاج ناهي. اسان کي توقع آهي ته هن ڪانفرنس جو انعقاد پنهنجن مقصدن جي حاصلات جي ڏس ۾ نتيجه خيز ثابت ٿيندو.

ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس ۾ صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق پنهنجي خطاب ۾ ڪيترين ئي اهم ڳالهين بابت گفتگو ڪرڻ فرمائي. قومي ادب جو مقصد، سينسرشپ جو خاتمو، اديبن جا مسئلا، خدمت اسلام لاءِ ادب جو ڪردار ۽ مختلف گروهن جي آويزش ــ سندس خطاب جا مکيه نقطا هئا، جن جي صدر موصوف جامع انداز سان اپٽار ڪئي. ان سلسلي ۾ سندس خطاب جو هڪ حصو خاص طرح توجهه طلب آهي ۽ اديبن کي سوچ ويچار جي دعوت ٿو ڏئي. جناب صدر فرمايو:

”...مان سمجهان ٿو ته وطن عزيز ۾ انتظامي، اقتصادي ۽ سماجي لحاظ کان بيشڪ حالتون قابو ۾ آهن، ليڪن فڪري ۽ نظرياتي سطح تي آويزش وڌندي پيئي وڃي. ٻن گروهن جون سرگرميون خاص طور تي

توجهه طلب آهن: هڪ آهي جيڪي اسان جي قومي وجود ۾ غيرملڪي نظرين جون بارودي سرنگون وڇائي رهيا آهن، ۽ انهيءَ تاڪ ۾ آهن ته جيئن ئي حالتون انهن لاءِ سازگار بنجن، ته اهي ڌماڪو ڪري پنهنجي آقائن جو حق، نمڪ ادا ڪن، ۽ ٻيا آهي، جيڪي اسلام جي نالي تي تنگ نظري، تعصب ۽ غير رواداري ڦهلائي رهيا آهن. جي ماڻهو انهن جي حوالي سان اسلام کي سمجهن ۽ سڃاڻن ٿا، سي اسلام کان بددل ٿيندا پيا وڃن.

”منهنجي توهان کي درخواست اها آهي ته اسلام جو نالو وٺندڙ ڪو به فرد، گروهه يا جماعت، توهان کي تنگ نظر، متعصب يا تاريڪ انديش نظر اچي ته اسلام کي هرگز تنگ نظر ۽ متعصب نه سمجهو. بلڪ اوهان پاڻ مسلمان آهيو. توهان پاڻ اسلام جي روح ۾ لهي ڏسو ته توهان کي هڪ اهڙو بحر بيڪران نظر ايندو، جنهن ۾ فراخ ئي فراخ آهي، فلاح ئي فلاح آهي، نجات ئي نجات آهي...“

صدر مملڪت جو اهو اظهار ۽ اعلان ڪنهن به تبصري، توضيح يا تعبير جو محتاج ناهي. صدر محترم نهايت بالغ نظريءَ سان ملڪي استحڪام جي حقيقي دشمنن جي نقاب ڪشائي ڪئي آهي. حڪومت جي مشينري ۽ عوام جي باشعور حلقن کي انهن ٻن گروهن تي گهري نگاهه رکڻ گهرجي. پهريون اهڙا عناصر، جيڪي غيرملڪي نظرين جا سبز باغ ڏيکاري، پاڪستان جي نظرياتي بنيادن کي ڪمزور ڪرڻ گهرن ٿا، ۽ ٻيا اهڙا عناصر، جن وٽ ڪفر ۽ الحاد جي فتوائن جاري ڪرڻ جا سانچا سدائين چالو آهن. اهي وطن ۽ قوم دشمن گروهه پنهنجي مڪروه ذاتي مفاد خاطر سوشلزم ۽ اسلام جي نعرن جي آڙ ۾ پاڪستان جي بنيادن کي کوکلو ڪندا رهيا آهن. انهن ٻنهي گروهن جي تخريبي عزائم کي نگاهه ۾ رکڻو آهي.

صدر موصوف پنهنجي نقطهء نگاهه جي وضاحت ڪندي فرمايو:

”...اسان تهذيبي ۽ ادبي لحاظ کان هڪ عظيم ورثي جا مالڪ آهيون. ان ورثي جي اساس رواداري وسيع المشربي ۽ علمي ۽ سائنسي تجسس تي آهي. ان عظيم روايت ۾ سعدي ۽ روميءَ کان وٺي علامه اقبال تائين ڪيترائي روشنيءَ جا مينار، پنهنجي تخليقات سميت، اسان جي رهبريءَ لاءِ



Gul Hayat Institute

موجود آهن. انهن عظيم ليکڪن هميشه پنهنجي قلم کي ”جهل ۽ تعصب“، ”جمود ۽ تنگ نظري“ جي بتن کي پاش پاش ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي، بلڪ اگر آءٌ ائين چوان ته بيجا نه ٿيندو ته اسان جي اديب انهن منفي سوچن جي خلاف جهاد ڪري اسلام جي سچي خدمت ڪئي آهي. لهٰذا، اگر ڪوئي اسلام پسند فرد يا گروهه انهن شڪسته بتن کي وري ڪڙي ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته هو اسلام جي خدمت ڪرڻ بجاءِ اٿلو آن کي نقصان ٿو پهچائي....“

## آديسي اُٿي ويا......

● ١٦-نومبر ١٩٨١ع تي برک ماهر تعليم، علمي ۽ ادبي شخصيت ۽ ممتاز سماجي ڪارڪن محترمه امينه هاليپوٽو جي رحلت جي خبر سنڌ جي تعليمي ۽ علمي حلقن ۾ نهايت ڏک سان ٻڌي ويئي.

مرحومه گورنمينٽ گرلس ڪاليج حيدرآباد جي پرنسيپال هئي ۽ سنڌس شمار ملڪ جي اعليٰ تعليم يافته خواتين ۾ ٿيندو هو ۽ اسلامي تعليمات جو خاص طرح وڏو مطالع حاصل هئس. هوءَ نهايت ديندار، ملنسار ۽ غريبن جي هڏڏوکي هئي.

اسان سنڌي ادبي بورڊ ۽ اداري مهراڻ جا ڪارڪن هن ڏکوئيندڙ موقعي تي مرحومه جي رفيق حيات ۽ بورڊ جي مربي ۽ محسن عالم دين جناب پروفيسر ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي، ڊائريڪٽر اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ اسلام آباد، سان همدردي ڪريون ٿا.

● ٢٦ ۽ ٢٨-جنوري تي برک سنڌي ڪهاڻيڪار منير سنڌي (ماڻڪ) ۽ نامور شاعر ۽ نقاد حافظ خيرمحمد اوحدي وفات ڪري ويا. ماڻڪ سنڌي ڪهاڻيءَ کي جيڪو نئون اسلوب ڏنو ۽ ان ۾ جا نواڻ پيدا ڪئي، سنڌ جو جديد ادب ان کي ڪڏهن وساري نه سگهندو. ”لڙهندڙ نسل“، ”حويليءَ جا راز“، ”پاتال ۾ بغاوت“ ۽ ”ڇهه انام ڪهاڻيون“ ادب جا يادگار ڪتاب آهن.

حافظ خيرمحمد اوحدي، پراڻو ادبي خدمتگار هو. ادب، شعر و شاعري ۽ تنقيد سان گڏ صحافت ۽ سياست سان پڻ وابسته رهيو. سندس شمار مسلم ليگ

Gul Hayat Institute

جي مخلص ڪارڪنن ۾ هو ۽ قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ سندس خدمتون قابل فخر آهن.

● ۴-فيبروري ۱۹۸۲ع تي پيرمحمد پياسي ۽ مرزا اڪمل بيگ جي رحلت جون خبرون آيون. پياسي بنيادي طور شاعر هو ۽ سندس ڪافين کي مقبوليت حاصل آهي. پڙاڻو لکندڙ هو.

مرزا اڪمل بيگ، شمس‌العلماء مرزا قليچ بيگ جو فرزند هو ۽ سٺو شاعر هو.

اسان پنهنجن مڙني محترم اديبن ۽ عالمن جي وفات تي سندن پوين سان ڏک جو اظهار ڪريون ٿا ۽ رب جي در دعاگو آهيون ته ڪين پنهنجي مغفرت سان نوازي.

## درستي

مهراڻ جي محترم اديب، جناب ڊاڪٽر نوازعلي شوق اطلاع ڏنو آهي ته سندس مضمون ”فقير هدايت‌علي تارڪ جا لکيل ڪتاب“ (مهراڻ ۳/۱۹۸۱ع، ص ۱۳۷-۱۴۸) ۾ ص ۱۴۵ تي، ڪتاب نمبر ۲۶ ”راز اظهار“ جي لکجڻ جو سن درست ڪري ۱۳۴۹ھ/۱۹۳۰ع پڙهڻ کپي ۽ ان نسبت سان اهو ڪتاب، ترتيب ۾، هاڻي ”جلوس‌التارڪين“ کان اڳ بيهي ٿو.

- نفيس‌احمد شيخ

# شاعري

Gul Hayat Institute

هو اڪثر مريد آهه شيطان جو،
لڪن مان ليکي ٿو وفادار ڪو.
متان تون ڪرين ڪنهن تي ڪو اعتبار،
خبردار، هر وقت ٿي هوشيار.
انهي ڪي ته اک آهه، ناهي نظر،
يقين ڪر ته اڪثر گهڻا بي بصر.
محبت ڪرڻ جرم سمجهن ٿا هو،
تڏهن ئي ته الفت ليکيو ڪن ٿا هو.
محبت نٿا ڪن، سي چوري ٿا ڪن،
هو الله ڪان پڻ ليکيو پٺا ليڪن.
جي آهي ته بس آهه فرق ايترو،
چوان ڪيترو، صرف تيرن جيترو.
هو پنهنجي ئي نفسن جا آهن غلام،
برائي ٿا پردي ۾ ڪن عام جام.
گلا ڪوڙ رشوت هنن وٽ حلال،
هو بچڙائين ۾ بہ ڪن ٿا ڪمال.
ملي مال تن ڪي اگر مفت جو،
ته پنهنجي ڪي هٿ ڪونه لائن سگهو.
حقيقت ۾ نيت رکن ٿا بري،
هو ظاهر ته مومن، بغل ۾ ڇري.
هو شيطان ڪي هر گهڙي ڪن سلام،
ٻيو سڀ حلال ۽ محبت حرام.
محبت نہ جنهن ۾، سو انسان ناهه،
هو حيوان ڪان پڻ گهڻو بدتر آهه.

تون وينو فقط پنهنجو ناتو نباهه، پياري پرين ۽ ڪي نہ ڪي دل تان لاهه.
هي جيڪي چيم، سو سڀئي سچ چيم، ذرو ڪوڙ توسان نہ هرگز ڪيم.
چيو ڪانگ، مون تي تون ڪر اعتبار،
تہ آهيان ميٺا سائين! مان بي ميار.

[ڪوئيٽا، ١٠- جون ١٩٦١ع]

اوهان کي اچي عشق آهي ڪنيو،
طلب تات سرگهو تپائي تيو.

زماني ۾ هرڪو ڪري عشق پيو،
ڏسان ٿو هتي آهہ ليکوئي ٻيو.

ڀلا جيئندا قبلا! ادب ڪان هٿي،
چوان ٿو اينهين عشق آهي چٿي.

گهٽائي اسان عشق وارا ڏٺا،
هتي ڳالهہ ئي ٻي ڪا آهي سِٺا.

چوان، جي اوهين ڪجهہ نہ ڪاوڙ ڪريو،
تہ هيئن عشق مان ڪي نہ ڪنهن کي وريو.

ڪريون مات ٿا جي، تہ ڏيو ٿا ڏڙهي،
چئون سچ تہ هڪدم وڃو ٿا چڙهي.

ٿيو رنجّ ٿا، جي ڪٿيو ٿا ڪچون،
پڇون ٿا تہ هڪدم پٽيو ٿا مُڇون.

ادب سان ٻيهون ٿا اوهان ڪان هٽيو،
تہ هيڪاري قبلا ٿا ڏاڙهي پٽيو.

اگي نيت ويندا هئو پڻ مُڙي،
مگر هاڻ هڪدم ڪريو ٿا ڪڙي.

خوشامد ڪرڻ ۾ ٿا بيحد ڏچون،
ڀلا ڪئن اوهان سان ڏگها ٿي پڇون.

هٿو ڏڪ ٿا ڦوٽاري جيڪر اکيون،
مهينن مٿا پيا هٽايون دکيون.

پيا ڏينهن سيکيون، ڏيو ٿا جي ڪٿّ،
اسان ۾ سهڻ ڪانہ هڪڙي بہ چٿّ.

جو بگڙيو پٺو سي ٿا هيٺا ٿيون،
وڃيو در تي ”قاسم“ جون پيڙيون پيون.

رٿون خوب ٻاهر رٿيو ٿا اچون،
پڄون ٿا جي سامهون، وساريو وهون.

ڀلا ڳالهہ ڪوڙي بيهي ڪيترو،
اثر ٿي رکي ڪونہ تير جيترو.

اسان کي فقط شينهن ٿيو ٿا ڇنُو،
وڃو ٿا هُتي، پوءِ ”رڍ“ ٿيو پئو.

هِتي ٿا ڏيچاريو، ڪريو ڪو ٽپاس،
هُتي ٿا هلو پو اڇي ٿو قياس.

هِتي هرڪو مخدوم سائين چوي،
هُتي ٿا ڏسون، پو پتو ٿو پوي.

اچن ٿا جي مالڪ، نُريو ٿا وهو،
اسان سان نه ڪيڏي تڪڙ ٿا ڪريو.

اسان کي دٻائي ڏنو ٿو رڳو،
آتي ٿا ڪڇو ڪي نه ڪي مورڳو.

آتي ڪَس لڳي ٿي يا آهي ڪَسر،
اوهان جي اندر جي اوهان کي خبر.

اسان کي نه سُڌ آهي اسرار جي،
خدا کي خبر ئي گُنگُوءَ گار جي.

سندس سامهون اينهين وڃو ٿا مڙي،
شڪاري کان جئن ٿي ڀڄي لومڙي.

رڳو هو ٿو پيرن جو ٺڪو ڪري،
ته قبلو اتاهين ٿو واپس وري.

جي مالڪ ڪا ڪن ٿا چڙيو مرحبا،
ته اسان کان به پو موڪلايو نٿا.

جي ڪوڙو سچو ڪن ٿا ڏيکر ڏڏو،
اسان کان به اڳ ۾ ڀڳا ٿا وڃو.

اسان کي ٿا ماريو هٿچا ۾ هٽيو،
۽ دڙڪي تي ڪانگلُ ورايو ڪٽيو.

اسان کي چڙيو، پاڻ آهيو سُڄاڻ،
اوهان جا هو چاڙن، اوهان چاڙو پاڻ.

وٺي جئن کپي، تئن ڪريو پيا سدا،
وسيلا، نه ڪچنداسون، چاڙي خدا.

اسين سپ خوشامد ڪنداسون پيا،
اسان جو ڪُڳل اهن ڪاٿي ڏنا.

## سليم ڳاڙهوي

# حمد

تنهنجي ظهور نُور جا نارا جتي ڪٿي!
نرمل، لطف نواز نظارا جتي ڪٿي!

ظاهر ٿيا زمين تي نوري نشان لک،  ڏيهن کي ڏين ٿو رنگ آڌارا جتي ڪٿي!
چمڪائين ٿو چمن ۽ جواهر جهان ۾،  جرڪائين ٿو فلڪ تي ستارا جتي ڪٿي!
لکجن ٿا لک هزار پنا تنهنجي پيرت جا،  پڙهجن ٿا بيشمار شمارا جتي ڪٿي!
سج چنڊ ۾، برق بوند ۾، شعلي شرار ۾،  تنهنجي اکين جا عام اشارا جتي ڪٿي!
عرشن ۾ تنهنجو آب ۽ فرشن ۾ تنهنجو تاب،  سُرهاڻ جي ۽ سُونهن جي ڌارا جتي ڪٿي!
مشرق ۾ تنهنجو ذڪر ۽ مغرب ۾ تنهنجو فڪر،  هلچل ڪرين ٿو پاڻ پسارا جتي ڪٿي!
قلزم جي اوج موج جو ناهي اٿو متو،  قائم ڪرم نواز ڪنارا جتي ڪٿي!
من ۾ سندءِ مقام، هينئين ۾ سندءِ هنڳاءُ،  چشمن ۾، دل ۾، روح ۾ چارا جتي ڪٿي!
هرهڪ سلي جو آهه اشارو الله ڏانهن،  سجدي ۾ لام لام جا لارا جتي ڪٿي!
پالين ٿو پيرت ساڻ سمورا ٿي ساهدار،  خالق ڪرين ٿو خلق تي آرا جتي ڪٿي!
ساري جهان ۾ آهه اذان اسم ذات جي،  حق جا وڳا هزار نغارا جتي ڪٿي!
ڏينهن رات ڪائنات ۾ هروات آهه بات،  ساراهه ڪن تمام سچارا جتي ڪٿي!
بر بحر، جهنگ جهر ۾، بيابان ۾، باغ ۾،  جلوا، جمال، گشت، گذارا جتي ڪٿي!
هر سمت، هر مڪان ۾ ۽ هر زمان ۾،  والي وسين ٿو جيءَ جا جيارا جتي ڪٿي!
تنهنجي ڳڻن جي ڳالهه ڪي ڳائن ٿا اڻ ڳڻيا،  ننڍڙا، وڏا، سفيد ۽ ڪارا جتي ڪٿي!
مظلوم جي جگر ۾، يتيمن جي قلب ۾،  ٿاهين ٿو پنهنجي لاءِ اوتارا جتي ڪٿي!
اول به تنهنجي ذات ته آخر به تنهنجي ذات،  بيحد بيان، قول ڪرارا جتي ڪٿي!
رحمان تون، رحيم تون، قادر ڪريم تون،  اعليٰ، عليم نام نيارا جتي ڪٿي!
رافع، رفيع تون ۽ قوي" العزيز تون،  اعظم، عظيم اسم پيلارا جتي ڪٿي!
تنهنجي طلب ۽ تات ۾ ڪيئي نبي نقيب،  واصف ولي، شهيد، سچارا جتي ڪٿي!
تنهنجي مليح مُرڪ سان رنگين روشنيون،  شعلا، شعاع، شمع، شرارا جتي ڪٿي!
ڪنهن کي بچائين باهه ۾، ڪنهن لاءِ جربه جنڊ،  ستار تنهنجا ساٿ، سهارا جتي ڪٿي!
تعريف تنهنجي ذات جي هردم ٿي هرجگهه،  ڳل ۾ وجهن ٿا آدمي ڳارا جتي ڪٿي!
پنهنجي عظيم شان کي ڄاڻين ٿو پاڻ تون،  ڪلما هي ڪائنات جا سارا جتي ڪٿي!
توحيد تنهنجي آهه زماني ۾ آشڪار،  پهتا ڪلام پاڪ جا پارا جتي ڪٿي!

سالم ثنا جو حق نه ادا ٿيو 'سليم' کان،
ٿڪجي پيا سخن ۾ سگهارا جتي ڪٿي!

## عطامحمد "حامي"

### نعت

سيد مرسل جي محبت دين ۽ ايمان آ،
ذڪر جنهن جي ذات جو هر درد جو درمان آ.

ڇا چوان الله جي محبوب جو حُسن و جمال،
جنهن جي صورت احسن التقويم جو عنوان آ.

جنهن جي سيرت جي مٿان سڀ سيرتون صديقي ڪجن،
خُلق جنهن جو خَلق اندر سربسر قرآن آ.

جنهن جي هڪ ادني اشاري سان قمر ٽڪرا ٿيو،
جنهن جو هرهڪ لفظ ٿيو الله جو فرمان آ.

عبد اهڙو جنهن مٿان معبود صلواتون پڙهي،
ڪٿن ڇئون سو پاڻ جهڙو جنهن جو ايڏو شان آ.

لاشريڪ آهي ڪيو جنهن ڪي سڏي پنهنجو شريڪ،
عرش اعظم تي اهو الله جو ميهمان آ.

نُور اهڙو جنهن منجهان پيدا ٿيا سارا جهان،
ڪارڻي لولاڪ جي مالڪ جو ڪيڏو شان آ.

ڏيهه ڪي انسان جي عظمت جو ڏَس جنهن کان مليو،
جابجا جاچي ڏسو اهڙو نه ٻيو انسان آ.

جنهن تي پڙهندا، ٿا رهون پنهنجي نمازن ۾ سلام،
ان جو 'حامي' هر گهڙي هرڪنهن مٿان احسان آ.

Gul Hayat Institute

## "بردو" سنڌي

( ١ )

روح رُنو ٿيون اکيون آليون توکي مهر نہ پئي،
بردي جي دل سورن ساڙي، پئي آڏامي رئي،
جيئڻ جاڙ تہ ٿيندو پوء، جي هاڻ وڃي ڪا پئي،
ڪَرڙي پَرڙي آهي جاني، اجا بہ ويل نہ وئي،
متان ٿئي ڏِسُ توسان اهڙي، جا تو مولسان ڪئي،
هي جڳ فاني، جوڀن جواني، ڏينهڙا چار اٿئي،
آءُ تہ ڪڏجي گهاريون، مارئون ديوُ غمن جو پئي،
اجا بہ ويل نہ وئي او پيارا، اجا بہ ويل نہ وَئي.

( ٢ )

دردن ماري، دل ويچاري، پورن سان پرپور، نہ ٿيءُ تون دوُر،
نہ مار نماڻا، يار سياڻا.
آجڙيو تو ٻين، من جو گُلشن، مونجهو ٻن ٻن، ڪيڙہ قهر ڪلور،
هي گونچ ڪماڻا، يار سياڻا.
تُنهنجي جهاتِي، ڏِئي حياتي، ڪاوڙ ڪاتِي، وَڍي وِجهي وهلور،
وڇوڙي هاڻا، يار سياڻا.
'بردي' جهڙا اهڙا تهڙا، سهندا سور، نہ ٻُڙندا مُور،
وَتن ويڳاڻا، يار سياڻا.

( ٣ )

ڪنهن ڪيئن چيو، ڪنهن ڪيئن چيو، تون جوئي آهين، سوئي آهين!
مون بہ ٻُڌو جڳ وارن کان، ڪُجهہ غيرن کان، ڪُجهہ يارن کان؛
جو پانيسر پلو هزارن کان، سو نڪتو اوکو خارن کان؛
جڏهن سور مليا سڪ وارن کان، تيو پيار ٻُڌيرو پيارن کان؛
ڪجهہ هاڻ پينو، ڪجهہ روح رُنو، تنهنجي رمز کي 'بردو' ڪين ٻُنو!

## ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

### وائي

سچ کي ڳائي ڀوءِ لڪايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

پنهنجي هٿ سان بُت بنائي، تن جي اڳيان سيس نمايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟
ڏسندي ڀسندي باهه ڇوڏاري، پتنگ سڏائي، پير نہ پايان؟
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟
ٻيجل جڏهين ٻولي وينو، آئون ڪيئن آخر لڙي لنوايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟
بحر عميق جي پر ۾ وهندي، آئون غواصن ڪٽ وڃايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟
دردن جو آئون دارون آهيان، سنجهه صبح ڇو سور سڏايان.
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

## تاج جويو

### ڇتارا

( ۱ )

ڪَڪر ڪَڪر جي ڪُنڊ مان ڳائي، چنڊ ُ ليڪا جيئن،
تيئن جواليءَ جي چانڊوڪي، ڦيدي ڦيندي ڪيئن!
ڦيدي ڦيندي ڪيئن، ٻندن ۾؟ جهلڪا ڏيندي سُونهن،
ڇير ٻير ۾ ڇم ڇم ڇم ڇم، ڇُلندي ايندي سُونهن!
من-ڪنول تي اُپري ايندي، آشا رنگ-لهر،
جيون-آپ تان وڙي ويندا، ڪارنهن-روپ ڪکر!

( ۲ )

آئي وينگس-رات وکيري، ڪارا ڪارا وارَ،
پَل ٻہ نہ گذريو، چانڊوڪي جي، ڇيڙي چنڊَ ستارَ؛
ڇيڙي چنڊ ستارَ، مدر ڌُن، جڳ کي جهُومايو،
راتِ سانت جون ڇيريون پاتيون، ٻيج-ٻنيءَ ڳايو،
اپ-ساگر جي، انت بحر جي، جهاڳ تري آئي،
ويسُ پيچائي، وَنُ ٻڇائي، ٻرهہ-ٻري آئي!

## اياز گل

●

تنهنجا گهوڙهن سان يار! آلا نيڻ،
دل تي ٻجي لڳن ٿا پالا ليڻ.

پيارا ٻرچن روئن، وسن بہ روئن،     نينهن وارن جا هن نوالا ڏيڻ.
ڪنهن کي چاهن تہ پيار اوتين ٿا،     ڪنهن سان آتڪن تہ چڻ جوالا ليڻ.
ڪن جون آکڙيون انڌيرا ڪاري رات،     ڪن جا چانڊوڪيون آجالا نيڻ.
توکي سارن، روئن، تڪن راهون،     کهڙا کهڙا ڪيڏن ڪشالا نيڻ.
آءٌ چاهيان تو سي چمڻ جيڪي،     سنڌ جي سيڪ جا حوالا ليڻ.

## ادل سومرو

### وائي

اوري آءٌ من ڀاوٽي،
چاجو آهي چانگرو.

نيڻ مٺان پنيا پرورن،     سنڌوءَ جي چڻ ساوٽي.
چاجو آهي چانگرو.
ڪاڪل ڪارا ڪنڌ تي،     جن ۾ سونهين ڏاوٽي.
چاجو آهي چانگرو.
مشڪ ڪٿوريءَ واسيل وستي،     چورين جي آ چاوٽي.
چاجو آهي چانگرو.

## نصير مرزا

### ترائيل

پنهنجي شعرن جي سچي ڊائري ڦاڙي ۽ مروڙي ڪاڳر،
دل تہ چاهي ٿي، تيلي هٿي ساڙي ڇڏيان:
سچ آکي نٿو سگهان، ڇو ٻو لکان آخر،
پنهنجي شعرن جي سچي ڊائري ڦاڙي ۽ مروڙي ڪاڳر.

’ڪوڙ‘ کي ’سچ‘ لکڻ کان تہ گهڻو آ بهتر،
هٿ پنهنجا ٻئي ڪراين وڃان ڪپي ڇڏيان،
پنهنجي شعرن جي سچي ڊائري ڦاڙي ۽ مروڙي ڪاڳر،
دل تہ چاهي ٿي تيلي هٿي ساڙي ڇڏيان.

Gul Hayat Institute

## نور شاهين

### ڪافي

توکان ڌار ٿيا ڏاڍا ڏينهن ڏکيا،
سڻ منهنجا لوڙي تون دل جي ندا.

مان چاهيان ٿي هاڻ مان، مان نہ رهان،
تون تون نہ هجين، رهان تون ٿي مان،
نڪي ٽوڪي ڏي پاڻا ڌار ڏسان،
پئي هڪ ٿي عشق کي بخشون جيلا.

وڃهان واجهہ پئي تنهنجي درسڻ ڪاڻ،
توکان ڌار بچيو اٿم دم ڪو هاڻ،
پرين! منهنجون سچايون هاڻ سڃاڻ،
ڪڻ مون ڏي سڄڻ پنهنجا قدم سگها.

وڃيم ساهہ ٿو جسمئون دُور ڪهيو،
چيو ٿو مئُولهہ ڪي مٽين وچ ڪو دَم رهيو،
ڏاڍ قهر جو آهي وقت وهيو،
اهو عرض اٿم متان سمجهين ڪِلا.

ناهي دنيا سان هڪ دل جي ذري،
بنان تنهنجي ٿي سمجهان عمر ڪري،
تنهنجي آهيان متان 'شاهين' چري،
اچي زخم وڇوڙي جا ميٽ متا.

## مريم مجيدي

### وائي

هاءِ! پيڙا پار،
جهوري جهوري جندڙي.

هيڪل هيٺي هانو ۾ چٽڪن جهير جرار،
جهوري جهوري جندڙي.
ويچا ويري وات ۾ تانگهي ڏاڍو آر،
جهوري جهوري جندڙي.
پهڻ جهڙا پهر ٿيا گذري ڪيئن چمار،
جهوري جهوري جندڙي.
جيون جي هر جهات ۾ ساجن تنهنجي سار،
جهوري جهوري جندڙي.
اڄ موجن وانگر ملي وڃون مورڙ ٿيون ڌار،
جهوري جهوري جندڙي.

## مهر پروين

•

وري يار وارن کي، وارڻ چڏي ڏي!
کري سينه سهڻا سنوارڻ چڏي ڏي:

سندي ويس 'شلوار'، 'پهراڻ'، 'ٽوپي'،
ستان انگ، 'اجرڪ'، وسارڻ چڏي ڏي!
هي مُرڪن جون مارون، هي گهورن جو گهائڻ،
ستا 'مهر' کي محب مارڻ چڏي ڏي!
اگيئي گهڻو مون ستنو آهه سِرَ تي،
سڄڻ هاڻ دل کي، ڏتارڻ چڏي ڏي!
سندي لال اکڙيون، ڪٽوريون ۽ ڪجليون،
ڪٺي نيڻ نرمل نهارڻ چڏي ڏي!
پري پنهنجي 'پروين' کان ٿي پيارا،
وڃي دور دلبر گذارڻ چڏي ڏي!

## عاجز آچڻ

### گيت

هاڻ تہ موتي آءُ پيارا، هاڻ تہ موتي آءُ.

سات ڏينهن جي ساک ڪٽي هو، ڪيئن ستي وئين ساهُ پيارا،
هاڻ تہ موتي آءُ پيارا.

پيار جي بدلي، يار ڏنو تو، سورن جو سوداءُ پيارا.
هاڻ تہ موتي آءُ پيارا.

نينهن نشاني، ڏني ويو جاني، ڳوڙهن جو درياءُ پيارا.
هاڻ تہ موتي آءُ پيارا.

نام ڏئيءَ جي، هاڻ ولهيءَ ڏي، وار وصل جو واءُ پيارا،
هاڻ تہ موتي آءُ پيارا.

تو بن ساري 'عاجز' کي تو، کوڙيءَ کوڙيءَ جو گهاءُ پيارا.
هاڻ تہ موتي آءُ پيارا، هاڻ تہ موتي آءُ.



Gul Hayat Institute

## "غلام" هالائي

### ڪافي

نظر جا ڪئيو تير جنهن ڌر آلارين،
لڪين وار هڪڙي سان مشتاق مارين.

جتي تو ويهين ات تو ميڙو مچيو پئي،
آئين تو ته هرڪو قدم تي ڪِريو پئي،
هلين ٿو ته مهتا ٿو هلندا ٻيهارين.

جڏهن ٻول ٻولين مٺا ڇپڙا ڇوري،
ته چڻ هرڪا دل ٿو ڪڍين ٻارَ ڪوري،
جي مُرڪين ٿو مٺڙا ته هيرا ٿو هارين.

نشيليون نشيليون تون جنهن ڏي ڪئين ٿو،
انهيءَ دل جو دلبر تون ٻنجين ڏٺي ٿو،
ڪرين قيد ما دل ٿو جنهن ڏي نهارين.

'غلام' آهي تنهنجو نه تنهن تي ڏمر ڪر،
ٻرين پيار واري انهيءَ تي نظر ڪر،
جي ٻرچن ته پيارا مٿل ڪي جيارين.

## واجد ناز

### وائي

ڏاڍ جي اوچي ديوارن کان، اوچو آهي پيار،
دل جي دليا ڏار.

پريت ته اوچي آهي ايڏي، جيڏي نيڻ نهار،
دل جي دليا ڏار،

زور جبر سان ڇڻ ڪٿ دبي، ڪيتن جي ڪولجار،
دل جي دليا ڏار.

آ اتهاس جي ورق ورق ۾، پنهنجي پريت پچار،
دل جي دليا ڏار.

## ذوالفقار سيال

### غزل

چاهہ پاڳل ڏسو، آهي تڙپي پيو،
تون نہ سمجهي سگهين، مون بہ ڪجهہ نہ چيو.

توکي پل پل دعائون مان ڏيندو رهيس.
تنهنجي پاسي جڏهن آدمي ڪو ويو.

منهنجي نيڻن ۾ مون عڪس تنهنجو ڇني،
پيار توسان تہ ڏس، مون آ ڪيڏو ڪيو.

چاهتن ۾ اوهان جي عبادت ڪندس،
ساهہ جيسين اسان وٽ امانت رهيو.

## زيب سنڌي

●

تنهنجي جوڀن تي آهي رَچيلُ،
زيبَ جو هيءُ ڀهريون غزل.

ياد آئين تون، جڏهن ڏٺم،
هٿَ ۾ هٿُ ڪنهنجو ڏِنلُ.

وقت جا ڪانٽا هلندا رهيا،
موتي آيو نہ ڪوئي ويلُ.

پيار مون کي پچائي تہ وچ،
تنهنجي يادن ۾ آهيان ٻُڏلُ.

نيٺ هو بہ ڀڃي ٿي ويو،
جيڪو واريءَ جو گهر هو ٺهيل.

## سريش

(آزاد نظم)

### هڪ روح جو سُڏڪو

عيدون آيون
۽ هليون ويون
بهار آيو
۽
اهو بہ موڪلائي ويو هليو
هاڻي
سرءُ آهي،
آءٌ آهيان
۽ اکين آڏو
هڪ نہ ڪٽندڙ
ڏنڌ آهي—
تون اچي،
انهن هليون وئينءَ،
جيئن سنڌوءَ جو
تيز وهڪرو
صدين کان
پياسي پوپي کي
پياسوئي ڇڏي،
هليو ويندو آهي.



Gul Hayat Instutute

## پيربخش پياسي

### نظم

رُوح رتو گيت رسيلو،
ڇيت ڇري جو چاهت سان،
ڳائڻ ڏي ورجائڻ ڏي،
ڀاڳل مَنَ ۾ رچائڻ ڏي.

تنهاين ۾ ويٺي آهين،
درد دکن جي پوري پت،
سُندرتا جي راڻي بڻجي،
پنهنجو ڀاڳ ڀَسائڻ ڏي.

تنهنجي جي جا جاڳيل جذبا،
تن جي ريت پريت جا ساجن،
ڪنهن جي من جا سُندر سپنا،
رنگ سان رنگ ملائڻ ڏي.

وار ڀڪيڙي روشن سج جي،
ساري فضا ۾ هوا جا جهوٽا،
ڪيرڻن ۾ الجهائڻ ڏي،
خوشبوء سان مهڪائڻ ڏي.

ڪاڳر ڪوري تي جيون جو،
خيالي خياليِ ليڪا تن ڪي،
نقشو سارو اڌورو آهي،
تاهڻ ڏي لـ ڦٽائڻ ڏي.

سات ڪٿي سڀ سورن جو،
جو پيي تنهنجي من ۾ آهي،
واپس چو ٿي موٽڻ چاهين،
تنهن سان اينهن نپائڻ ڏي.

لير اکين مان ڳاڙي پنهنجي،
سج جي اولي اوٽ ۾ ويهي،
پاڻ ڳَلن تان وهائڻ ڏي،
هر هر سو نـ سُڪائڻ ڏي.

ڪر ڪٿي اڄ اوچيون ماڙيون،
جل ٿل جل ٿل بادل بڻجي،
موجي من منجهه مرڪيون آهن،
ٻَر ۾ سي برسائڻ ڏي.

ڪاري ڪاري رات انڌاري،
تون پيي ٽم ٽم ساڻ ستارن،
ساري نور ۾ ڏس آ وهنتل،
جيون جوت جلائڻ ڏي.

تنهنجي دل جي صحرا ۾ ڪا،
”پياسي“ تنهنجي پيڙا سان،
وچڙيل ڪونج اچا پئي ڪوڪي،
تن جي تـنـه تپائڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

## "منير" سولنگي

●

تنهنجي پيار جي خوشبو پيارا منهنجي ساهه سيباڻي آ،
تنهنجي ياد جي ويرانن ۾ ڪاري رات وهاڻي آ.

داوَ لڳايا دل جا هرڪنهن پر نه مليو من جو ماڻڪ،
پاپي هن سنسار ۾ ڪنهن ڪنهن من جي مومل ماڻي آ.

چنڊ ڪٿي چانڊاڻ جهڪي ۽ تارن ڦٽڪي ساهه ڏنو،
صحرا ۾ ڪنهن ديواني جي جيون جوت اجهاڻي آ.

رڳ رڳ مان ويراڳ وسايم، چارڻ بڻجي صبح ۽ شام،
اڄ به 'منير' جي هستيءَ سور سوا ڪا تند نه تاڻي آ.

## ا. ح. جئسنگهاڻي "سام"

●

بي رخي ۽ بي وفائي حسن جي فطرت ۾ آ،
جان نثاريءَ جي تمنا عشق جي طينت ۾ آ.

پل سڪائج ۽ ستائج، رج ۾ بيشڪ رلائج،
بحر ليڪن بيڪران هڪ پياس جي شدّت ۾ آ.

ڪوثر آ نعم البدل منهنجي شراب شوق جو،
جُز فقط هن غم سندي ان خلد جي شربت ۾ آ.

شوق سان اي، بي وفا! مون کي متائج غم ڏئي،
اصل جيئڻ جو مزو هن موت جي لذت ۾ آ.

هي ستم پي هڪ ثبوت آ يار جي رغبت سندو،
بي نشالي خلق جي خواري ۽ هن ذلت ۾ آ.

دل سندم ۾ پياس شل ان جي سدا وڌندي رهي،
فڪر هي فائق هميشه وصل ۽ فرقت ۾ آ.

شمع کي سونهين جلائڻ ۽ جلڻ پرواني کي،
محفلِ الفت جي رنگت 'سام' هن شرڪت ۾ آ.



Gul Hayat Institute

## مختيار گهمرو

●

محبت سچ مچائي چڏجي،
ڪيت وطن جو ڳائي چڏجي.

ڏاڍي آڏو ڪنڌ جهڪائڻ، تنهن ڪان ڪنڌ ڪپائي چڏجي.
پنهنجو پنهنجي ديس جو ويري، تنهن ڪان سيس وڍائي چڏجي.
اونداهيءَ کي مات ڪرڻ لئي، جذبن جوت جلائي چڏجي.
منهنجا سانگي ساهه سيباڻا، تن کي ڪيئن پلائي چڏجي.
لڙڪن لار آ سارن مک تي، تن کي ڪيئن لڪائي چڏجي.
آهه حياتي وهه جو پيالو، زهر به ڪنڌ ملائي چڏجي.

## لقمان "حڪيم"

### ڪافي

عمر هونديون منهنجون پرين ٻ پچارون،
ڏيندو ڏيهه هوندو مارن کي ميارون.

سينو سيج ساڙي، لڳن وِههُ وهاڻا،
ماڙين تي نه مٽيان، مٺڙا اباڻا،
وطن ڏي واجهايان، اچن اوچگارون.

ڪٿان ڪرڙ خاصا پٽن تي پٽاري،
امان سڀ سهيليون خوشيءَ ٻ گذاري،
پٽايون لئه هرگز ڪڏهن مير مارون.

عمرڪوٽ تائين قضا آهه آندو،
پهنوارن پَسڻ لئي سدا ساهُ ساندو،
اٿم آس پُڌندو هي پرور پڪارون.

سلي ڏت ڏهاڙي سزي سان ڪائي،
ڏٿيءَ جا پيا احسان ڳايون سدائي،
پنير آهه پنهنجي تيو دردن جو دارون.

هميشه 'حڪيم' آ اِها جيءَ ٻ جهوري،
پيچي بندخانو هوي ڏيهه ڏوري،
اها آهه آڻ تڻ ڪڏهن ماندا مارون.

## نظام‌الدين ”زائر“

### وائي

ڏيـر ويـا اج آسـري،
مـون ڪـي رهـي بيخبرِي.

لنب لياڪيءَ مون کي نهوڙيو، هوت هيتان ويو نڪرِي،
مـون ڪـي رهـي بيخبرِي.

پيار پنهون جي ڪان گهٽ آهن، ماڪي مٺائي مصرِي،
مـون ڪـي رهـي بيخبرِي.

منڊ وري موتي آ ملڻ جي، ڪانهه نوان ويـا نسرِي،
مـون ڪـي رهـي بيخبرِي.

منهنجي پنهل ري هڪڙي ساعت، ڪين سکي ڪا گذرِي،
مـون ڪـي رهـي بيخبرِي.

آريءَ ڄام جي دل تان ’زائر‘ شال وڃان نـه وسرِي،
مـون ڪـي رهـي بيخبرِي.

## عزيزالله ”عزيز“ بروهي

### قطعا

( ۱ )

دل جون ڳالهيون زبان تـي آهن،
راز دل جـا رکـون ڳجها ڪهڙا،
ولڊجي پـاڻ ۾ ويـا آهـيـون،
هـاڻ آهـن رهـيـا سنڌا ڪهڙا.

( ۲ )

ويس ساوا وڻـن ڍڪـيـا آهـن،
سـبـز پـريـن جـا سلسلا آهـن،
رقص ۾ هـي جـهـان سـارو آ،
ڇـڻ تـه دلين ۾ زلـزلا آهـن.

( ۳ )

پـاڻـي چمڪي تـو چانڊ ني پٽجي،
سوالهن ڊرتيءَ ڪٿي ڪيڏي آهـي،
ڇـا ڏسي ڇـا ’عزيز‘ اڄ ڏسجي،
ڪيڏي رحمت خدا جي تي آهـي.

## محمد حسن "بيوس" بازيد پوري

### غزل

سڄڻ کي سرس ٿا سونهن، سيئي سينگار ساونڻ ۾،
ڪرايو دلربا دلدار کي ديدار ساونڻ ۾.

ڪڪر ڪارا ڏسي ڪاڪُلَ پٽون ٿا ياد ورين جا،
وڻيل، ويڙهيل، ونگيل سهڻا سڄڻ جا وار ساونڻ ۾.

گجي گجگوڙ بادل مان، وَسَن ٿيون خوب برساتيون،
اکيون آهن عجيبن ريءَ اڃا نمتار ساونڻ ۾.

گذاري سال ساونڻ، پوءِ ب آيو سال ۾ مون وٽ،
سڄڻ صدقي ٿيانءِ سو وارَ اچُ هڪ وار ساونڻ ۾.

مٺي محبوب مُرڪي هيٺن چيو هن سال ملنداسين،
جڏهن آپ ۾ عيان ٿيندا ڪي ڪارونيار ساونڻ ۾.

چيو جوڳيءَ هٿي ڍارو، ته 'بيوس' بخت ٿئي بالا،
ڪندو مولا اوهان جا يارَ ٻيڙا پار ساونڻ ۾.

## مخمور ميرانپوري

### وائي

راتيون مٿائي روپ ويون، ۽ ر ڏينهن ڪسي ويا ذات،
الوميان! ڏينهن ڪسي ويا ذات.
آشائن جون سڀ شهزاديون، هاءِ مري ٿيون مات.
يادن گهيريو من آڱند ڪي، ساعت ٿي سڪرات.
هيڪل وياڪل من ويڳاڻو، چوڌس چپ چپات.
وَر وَر ڏيئي وَڏ وجهي ٿي، تو بن تنهنجي تات.
ڪونڪو ٻوڙو شهر سمورو، ڪوڻ مڻي ڪو بات.
تن جي تارن راتو چيڙيو، جاڳي پيا جذبات.

## اڪبر سومرو

### هائيڪا

●

هيڪل - وياڪل،
ماٺهن جي هن ميڙ ۾ -
منهنجو من پتاڳل.

●

منهنجي دل ۾ گهاءُ،
هرشيءِ ۾ حياتي،
چالبازوڪيءِ ڦهلاءُ.

●

ڪيڏو آهين دُور!؟
هاڻ ته اچ سائين،
سرنهه جهليو ٻُور-

●

منهنجو مَن آداس،
اونداهيءِ جا اولڙا،
ڪاري رات آماس-

●

وَڄُ وري ۽ ٻول،
او سُريلي تنه،
دل جا ڏانڪا ڪول.

●

چانديءَ تارون،
چوڏهينءَ جو چنڊ،
سنڌوءَ جون لارون-

●

رت جي لاَمَ،
ڏينهن جا ٻويان پَساهه،
ويڳاڻي ڪا شام.

●

جهونو سُڪل ٻڙ،
چرڪي ٻيس اوچتو!
چيري جي رڙ-

## ”ناظم“ سنگي

### ڪافي

دل دل تي جڏهن واپار سڄڻ ڪجهه مان تو ڪيان ڪجهه تون ٻه ته ڪر،
الفت جو سڏي اقرار سڄڻ ڪجهه مان تو ڪيان ڪجهه تون ٻه ته ڪر.
ڪـذري ڪـي دوباره يـاد نـه ڪر، هڪ توکي خبر ٻي مون کي خبر،
نئين راه وفـا هـمـوار سڄڻ ڪجهه مان تو ڪيان ڪجهه تون ٻه ته ڪر.
اڄ سـور سـليـون ۽ روح رلـيـون، اوڻـايـون اڳوڻيون ويندون هليون،
هن پيار کي سمجهي پيار سڄڻ ڪجهه مان تو ڪيان ڪجهه تون ٻه ته ڪر.
اي ”نـاظـم“ نيـنـهـن نـيـائـي وچ، اڄ بکڙيـل پـاڪ ٻـڌائـي وچ،
الـفـت ۾ سڌو وهنوار سڄڻ، ڪجهه مان تو ڪيان ڪجهه تون ٻه ته ڪر.

Gul Hayat Institute

## گل حسن گوپانگ "شاد"

### گيت

چور چين کي چور او ساٿي... حال اندر جو اور،
ڏيهه ڏکن جو ڏور او ساٿي... حال اندر جو اور.
توُوٽ پيار جي پياس نہ هوندي،
طلب تکيري تاس نہ هوندي،
آس نہ هوندي ياس نہ هوندي،
تو کا باسي باس نہ هوندي،
ڏور قصي کي تور او ساٿي... حال اندر جو اور.

تنهنجي دل ۾ گهاءُ نہ هوندا،
دردن جا کي داءُ نہ هوندا،
پاڇا ۽ پڙلاءُ نہ هوندا،
سپنا ۽ سوداءُ نہ هوندا،
سور جا سگهڙا سور او ساٿي... حال اندر جو اور.

چوٽ چڙهي پو لهندو هوندين،
بيٺي بيٺي ڍهندو هوندين،
دنيا جا ڏک سهندو هوندين،
ڪين رڻ ڪان رهندو هوندين،
آهي زمانو زور او ساٿي... حال اندر جو اور.

'شاد' نہ قرب ڪمايا هوندا،
ناتا نينهن نڀايا هوندا،
پلپل پور پڄايا هوندا،
هُن وٽ سور سوايا هوندا،
هُن جي وفا تک تور او ساٿي... حال اندر جو اور.



Gul Hayat Institute

## ”سقراط“ سيتائي

### غزل

هي محبت وري رهي نہ رهي،
دل تہ آهي ڇري رهي نہ رهي.

جي ٻڌائڻ وِهان ڪتا دل جي، زندگيءَ جي ذري رهي نہ رهي.
راهہ بيزار ٿي پُئي مون کان، ساٿ ۽ رهبري رهي نہ رهي.
جي زمانو ڇڏي ڏڪاري هوءَ، تنهنجي پيي دلبري رهي نہ رهي.
جو مسافر ڇڏيو وساري تو، ماڳ تي سو وري رهي نہ رهي.
جو جيئي ٿو فراق ۾ سوئي، نيٺ ويندو مري رهي نہ رهي.
جسم شايد هتي ۾ تنهنجي هُجي، روح آهي پري رهي نہ رهي.
تو تہ سمجهي تمام هلڪي هُئي، آهي اُلفت ڳري رهي نہ رهي.

زهر ’سقراط‘ پي ويو جڏهين،
پوءِ سندس شاعري رهي نہ رهي.

## ”عاشق“ هالائي

### وائي

نظرن ساڻ نهوڙي هليو وئين،
يار سڄڻ تون.

پيارل پهرين پيار ڏني پوءِ، مُنهڙو اسان کان موڙي هليو وئين،
يار سڄڻ تون.

پيڙيءَ چاڙهي ڦرهو ڪيدي وئين، تار تڪيءَ ۾ ٻوڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.

سورن جهڙا پُور سليساسين، وهن منجهہ وڪوڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.

ٿُرب جا ٿيدي سوکها سلهاڙيل، ڇونہ انهن کي ڇوڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.

’عاشق‘ پنهنجي سان ڇو الاجي، نينهن جا ناتا ٽوڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.



Gul Hayat Institute

## عرفان مهدي

### غزل

مون ٻمچ ٻيرينءَ سان ٻاتو آ،
ٻرَ لوڪَ نہ تنهن کي ڄاتو آ.

ساجن سائين تُنهنجي ڪارڻ، منهنجو مَنُ ٺيو آتو آ.
تُنهنجي هرهڪ لاز ادا کي، چشمن ٿي مون ڇاتو آ.
پيار جي ڪُومل جذبن کي ڇا؟ تو بہ اڃان نہ سُڃاتو آ.
شيشي کان ٻي نازڪ نازڪ، ليڪن سَنيهَن جو ناتو آ.
تو بن سالولَ ايئن ڀاسي ڄڻ، جيون کو ڀاراتو آ.
هجر هرهڪ رات سمان، مون رات بہ راتو ڳاتو آ.

## "اسير" ملاح

●

محبتي محفل منجهان سي، رازدان ويندا ڏئي،
مهربان ويندا ڏئي نا مهربان ويندا ڏئي.

پيار جي برسات مان ٿي، ڪا ڪٿي گوهر ٿئي،
پيا پلڪ جي لال موتي، جانِ جان ويندا ڏئي.

مون ڪذهن اهڙا نہ هرگز، ناخدا ڪاٿي ٻڌا،
دل جي ڪشتي سير چاڙهي، ڪارستان ويندا ڏئي.

پيار جا شمس و قمر، ڪر ٿي ويا تارا ڪتيون،
چانڊوڪَ جن جي هئي مٿان سي، آسمان ويندا ڏئي.

هو قول لُڙڪن جا نڇاور، ياد جي تربت مٿان،
پيار ٻاٽي ڏئي ٻرين مون، باغبان ويندا ڏئي.

کھاڈیون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

هينئر ڪجهہ لمحا پهرين، جڏهن مان آفيس مان جلدي گهر موٽندي پريان عطامحمد کي ايندي ڏٺو ۽ لنوائي جلدي گهر اچي در بند ڪري ڇپر مان ڏٺم. عطامحمد گهرن وٽ اچي بيهي رهيو، ٿـاڪ سجهند هئي. ڪوبہ موجود نہ، عطامحمد پهرين منهنجي گهر ڏانهن ڏسي، نظام جي گهر ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ هلڪڙي سيٽي وڄايائين، ان مهل ئي ڪڙڪي کلڻ جو آواز ٿيو. مون سمجهيو هوءِ در کوليندي، مرکي ٻاهر نڪري عطا کي ڏسندي ۽ شايد الدر بہ وٺي وڃين. مون ڇپر ۾ اک کپائي ڇڏي. در جو ڪڙڪو تہ لٿو پر در نہ کليو هو. عطا چئن ئي پاسن وڏي غور سان ڏسي، هلڪڙي آواز سان پڇيو "اچ ن."

"اچ."

در هڪ جهٽڪي سان کليو ۽ مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. مون نہ پئي چاهيو تہ مان پگل آئيني ۾ نظام جو ڇپو منهن ڏسان، ڇاڪاڻ جو اهو در نظام جي گهر جو کليو هو منهنجيون اکيون بند آهن، پر مان عطامحمد جي گهر ۾ وڃڻ کان پوءِ در بند ٿيڻ جو آواز تہ ٻڌي سگهان ٿو.



## پرل - ايس - بڪ

سنڌيڪار: شمس الدين عرساڻي

# پڪي ۽ پدمڻي

## (The Silver Butter fly" جو ترجمو")

هن سونهري جهومڪ ڪنن ۾ پائي، سينگار ميز جي آئيني ۾ پاڻ کي سامهون ويٺي ڏٺو، ته آيا انهن جو جوڙ سندس بدن تي پيل ڪاري فراڪ سان ٺهي ٿو يا نه؟ ۽ پاڻ پنهنجي حسن تي فريفته ٿيندي پئي وئي!

پوءِ جڏهن هن جو مڙس استيفن سندس پٺيان اچي بيٺو، ته ان جو عڪس پنهنجي عڪس سان گڏ ڏسي مسڪرايو. استيفن تمام خوبرو ۽ خوش پوش هو. دراصل ٻيئي ڄڻا بيحد حسين ۽ جميل هئا ۽ هڪٻئي لاءِ قابل رشڪ حد تائين موزون هئا. اها ڳالهه ماڻهن سندن شاديءَ جي ڏينهن به چئي هئي ۽ اڃا تائين به چوندا هئا. چڱي خاصي عمر تي هئڻ، تڏهن به سندن مهانڊن تي ٻڍاپي جو ڪو به نشان نه هو. جيتوڻيڪ سندن سڪيلڊو پٽ بيلارڊ پنجويهن سالن جو ٿي ويو هو ۽ جپان مان واپسيءَ تي، هڪ جپالي خاتون پرڻجي آيو هو.

هنن ٻنهي ٿوري دير هڪٻئي کي آرسيءَ ۾ ڏٺو. پوءِ هن سونهري جهومڪ لاهي ڇڏيا، چاڪاڻ جو اهي ڪاري فراڪ سان نٿي ٺهڪيا.

استيفن اڃا به بيٺي هن کي ڏٺو. پوءِ جڏهن الائن جهومڪن بدران موتين جا ٽاپس پائڻ لڳي، ته استيفن به ٽاءِ جي ڳنڍ ٺيڪ ڪرڻ لڳو.

"استيفن! سيتو هن کي خراب ڪري رهي آهي" هن جو اشارو پنهنجي پٽ بيلارڊ ڏانهن هو. استيفن ڪو به جواب نه ڏنو. هو اڃا به پنهنجي ٽاءِ کي ٺاهي رهيو هو.

"توهان منهنجي ڳالهه جو جواب ڇو نٿا ڏيو؟" الائن ڪجهه خنڪيءَ سان ڳالهايو.

استيفن ڳنڍ ٺيڪ ڪري، هڪ هلڪو جهٽڪو ڏنو ۽ سڌو ٿي اٿي بيٺو.

"سوچيان پيو ته ڇا جواب ڏيان!"

"ڇو! ڇا توهان کي مون سان اتفاق ناهي ڇا؟

"اون هون" هن انڪار ڪندي ڪنڌ کي لوڏيو "بلڪل نه ـــ مان تنهنجو مطلب سمجهان ٿو، پر توسان اتفاق ڪري نٿو سگهان."

ڪو بہ احتجاج نہ ڪيو، جڏهن تہ ڪيس بلڪل ناگوار نہ لڳو هجي. ساڳيءَ ريت پائيپ وات ۾ وجهو، هو ور ور ڪري ڪَش هڻي دونهون اُڏائي رهيو هو ۽ نيٺ ڳالهايائين بہ تہ ڇا!

”بابا، مان گهٽي ۾ گهمڻ بنهي تائين آفيس ايندو سانوَ.“

”چڱو.“ اسٽيفن جواب ڏنو.

الائن کي انهيءَ لحظي ۾ ياد آيو تہ بيلارڊ جو آفيس ۾ دير سان وڃڻ جو اهو سبب آهي، جو هو هڪ ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ وارو هو. جڏهن بيلارڊ جپان ۾ هو تہ ڪار جي حادثي ۾ ڪيس معمولي ضرب آئي هئي ۽ ان جو ڪجهہ اثر اڃان بہ باقي هو. دراصل اهو حادثو تہ هن جي ۽ سيتوءَ جي وچ ۾ تعلقات جو پيش خيمو ثابت ٿيو. سيتوءَ جو پيءُ هڪ ماهر سرجن هو. اتفاق ڪجهہ اهڙو ٿيو، جو جڏهن بيلارڊ حادثي جو شڪار ٿي اسپتال پهتو تہ سيتوءَ جو پيءُ سندس سرجن مقرر ٿيو. پوءِ هڪ ڏينهن پيءُ سان گڏ ڌيءَ بہ امريڪن مريض کي ڏسڻ آئي ۽ هنن جي پهرين ملاقات ئي سندن لاءِ نينهن جو نياپو بڻجي پئي.

الائن انهن ئي خيالن ۾ اهڙو تہ ٻڏي وئي، جو اسٽيفن کي الوداع بہ ڪونہ ڪيائين ۽ هو ٻاهر نڪري ويو. الائن ساڳي طرح گيلريءَ ۾، جتي هئي اتي ئي دم بخود بيٺي هيٺ لهاري رهي هئي، جيستائين اسٽيفن جي نڪرڻ سان ئي بيلارڊ سيتوءَ کي پنهنجي آغوش ۾ ڇڪي ورتو.

۽ پوءِ الائن کي ڏاڍي خفت محسوس ٿي. اها ڪا شرافت بہ نہ هئي، جو پنهنجي پٽ ۽ ننهن کي هڪٻئي سان واڪيل ڏسجي. هوءَ قدمن جي آهٽ ڪرڻ بنا موٽي وئي. ليڪن سندس ذهن، خيالن کان خالي نہ هو. هن سوچيو پئي تہ حال ۾ انهيءَ وقت بيلارڊ سيتوءَ سان عملي محبت جو اظهار ڇو ڪيو؟ ڪٿي ائين تہ ناهي تہ هو ۽ بيلارڊ ٻئي ڄڻا ڪنهن فريب جو شڪار ٿيندا پيا وڃن.

ليڪن اسٽيفن مان تہ اهڙي توقع نٿي ٿي سگهي. هو تہ هڪ سٺي ڪردار جو، ايتريقدر تہ پاڪيزه صفت شخص هو، جو هن تي شڪ ٿي نٿي سگهيو. اها علحده ڳالهہ آهي، تہ اسٽيفن جي مردانہ حسن ۽ پرلطف ڳالهين کان ڪيتريون خواتين متاثر ٿي ويندي يون هيون. تنهن هوندي بہ اسٽيفن جي ثابت قدميءَ کي ڪڏهن بہ لوڏو نہ آيو. ڪجهہ اها ڳالهہ بہ هئي، جو الائن کي اسٽيفن جي محبت ۽ ڪردار تي بيحد اعتماد هو. اهوئي سبب آهي، جو ڪڏهن ڪابہ اهڙي صورتحال پيدا نہ ٿي، جنهن مان سندس دل شڪني ٿي هجي يا وري طبيعت کي رنج پهتو هجيس. گهڻين عورتن اسٽيفن تي پيار جي ڪمند اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪڏهن بہ هن ان تي توجهہ نہ ڏنو ۽ نہ وري ڪو الائن ڪڏهن وهم ۾ مبتلا ٿي. ڇو تہ ڪيس خبر هئي تہ اسٽيفن هڪ ٽڪر مثل آهي. هڪ اهڙو مضبوط ۽ اڏول ٽڪر، جنهن سان جيڪڏهن ڪو پاڻ ٽڪرائيندو تہ سر ڪٽي بچائي بہ وڃي، مگر دل ضرور ٽٽي پوندس ۽ هميشه ائين ئي ٿيندو رهيو. اسٽيفن ڪنهن جي بہ ارادي کان واقف ٿيندي ئي پنهنجو رويو بدلائي ڇڏيندو هو. هن وٽ

”ليڪن سيتو ائين نہ آهي.“
”پوءِ آخر اهو سڀڪجهہ ٿيو ڪيئن؟“
بس بابا مذاق مذاق ۾ ڪيس الوداعي پيار ڪرڻ شروع ڪيو. ۽ پوءِ مون ڪي تہ اندازوئي ڪونهي تہ اهو سلسلو مذاق جي حد ڪڏهن ٽپي ويو. ها سيتوءَ ڪي ضرور معلوم آهي.
”انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ سيتوءَ جي مرضي ان ۾ شامل آهي.“
”نہ هرگز نہ.“
”پوءِ هن کي ڪيئن معلوم ٿيو؟“
”هوءَ سرتاپا عورت آهي.“
”ڇا مطلب؟“
مطلب تہ هوءَ مرد جي خيال ۽ ارادي کي خود انهيءَ مرد جي علم ۾ اچڻ کان پهرين سمجهي وٺي ٿي.
الائن جون نظرون ڪجهہ اهڙيون هيون، جن مان اجا بہ شڪ ظاهر ٿي رهيو هو ۽ اها ڳالهہ بيلارڊ کان لڪل نہ هئي.
”اها ڳالهہ توهان کي عجيب ضرور معلوم ٿيندي.“ بيلارڊ چيو. ليڪن مان سچ چوان ٿو. ڇو تہ مون کي ان جو ذاتي تجربو آهي. ڪو وقت اهڙو بہ ٿئي ٿو، جڏهن آئون اجا ڪجهہ سوچيندو پيو آهيان ۽ سيتو بنان ڪنهن اشاري جي منهنجي ڳالهہ معلوم ڪري وٺندي آهي ۽ ڪانہ ڪا اهڙي هلت يا اشارو ڪندي آهي، جيئن آئون سمجهان، تہ هوءَ منهنجي خيال کان واقف آهي.
الائن ڪجهہ اهڙي حالت ۾ هئي جو ڳوڙها وهڻ وارا هئس. بعض اوقات ماڻهو جذباتي ٿيو ٿي وڃي ٿو.
۽ هن پنهنجي ڳوڙهن تي ضابطو ڪرڻ لاءِ ڪافيءَ جا ٻہ-ٽي وڏا ڍڪ پريا تہ سندس طبيعت ڪجهہ سڌري پيئي.
”هوءَ توهان ٻنهي کي برباد ڪري رهي آهي.“
”اها ڳالهہ صحيح ناهي-- هوءَ اسان جو نندڍي ۾ ننڍو ڪم بہ خوشيءَ سان ڪري ٿي. ليڪن ان ۾ خود غرضيءَ جو ڪوبہ جذبو نہ هوندو آهي.“
پوءِ بيلارڊ بيضي جا بچيل سچيل ٽڪرا اهڙيءَ طرح جلدي جلدي وات ۾ وڌا جو ڳالهائڻ مشڪل ٿي پيس. ممڪن آهي تہ هن جاڻي واڻي ائين ڪيو هجي.
”سيتو!“ هن ڪراهہ ڪيهي سڏ ڪيو.
ٿوري دير ۾ چلڪڻي فرش تي سيتوءَ جي گيٽا جي ڪٽ ڪٽ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ هوءَ اندر هلي آئي.
”ويهہ ويهہ“ بيلارڊ چيو.

سيتو هنن ٻنهي جي درميان ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ ٻئي هٿ پنهنجي گوڏن تي رکيا. بيلارڊ ٿوسٽ جي هڪڙي ٽڪر تي مربي جو هڪ ٿلهو تهه مکي رهيو هو.

"مان امان کي ٻڌائي رهيو هئس ته اسان الڳ گهر وٺي رهڻ چاهيون ٿا."

الائن پنهنجي پٽ جي خوراڪ تي غور ڪري رهي هئي ۽ آخر هن کان رهيو نه ٿيو.

"بيلارڊ تون ذرا ڪاڏي پيٽي ۾ اعتدال اختيار ڪر ورنه تنهنجو پيٽ نڪري پوندو. هي تنهنجو ٽيون ٿوسٽ آهي."

بيلارڊ مشڪي پنهنجي ماءُ ڏانهن ڏٺو ۽ ٿوسٽ رکندي چيو.

"مان به اهوئي سمجهي رهيو هئس، پر سيتو ڪڏهن به اهڙي ڳالهه مون کي نه چوي ها."

مان تنهنجي ڀلائيءَ جي ڳالهه تي ڪريان.

"اها توهان بلڪل صحيح ڳالهه چئي رهيا آهيو." سيتوءَ چيو. "بيلارڊ تون جڏهن چاليهن سالن جو ٿي وڃين، ته پنهنجي ماءُ جي نصيحت ياد رکجئين."

"ها، ياد رکندس" هن وعدو ڪندي چيو ۽ مربي لڳل ٿوسٽ مان هڪ وڏو گره پريو.

"سيتو" بيلارڊ چيو "امان جو خيال آهي ته صبح جو بابا جنهن ريت توکي پيار ڪري ٿو، ته تون پسند نٿي ڪرين، تون ڪيس پنهنجي خيالات کان آگاهه ڪر."

سيتوءَ جي منهن تي ڳاڙهسرو رنگ تري آيو. هن جي ڪتورين اکين ۾ ڳوڙها ترڻ لڳا ۽ شايد شديد جذبات کان بيتاب ٿي هوءَ اٿي کڙي ٿي.

"آئون معافي گهران ٿي. مون لاءِ اهو ممڪن ناهي ته پنهنجي مڙس جي پيار خلاف ڳالهايان." هن پنهنجي آستين ۾ ڳوڙها جذب ڪيا ۽ واپس وڃڻ لاءِ مڙي، پر بيلارڊ تيزيءَ سان اٿيو ۽ هن جي رستي ۾ روڪ ٿي بيٺو.

"ترس سيتو. مان ٻاهر وڃان ٿو هليو. توکي منهنجي ماءُ کان ڊپ ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ناهي. هوءَ به تو وانگر ئي صاف گو ۽ ايماندار آهي."

۽ رومال پٽ تي ڪيرائيندو هو ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. سيتو ڪِريل رومال کڻي ويڙهيو ۽ ميز تي رکي ڇڏيو ۽ پوءِ ڪجهه بيدليءَ سان ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

بيلارڊ ته الائن کي عجيب مسئلي ۾ وچڙائي ڇڏيو هو. هن جي خواب خيال ۾ ڪونه هو ته بيلارڊ انهيءَ ڳالهه کي اهڙو رنگ ڏئي ڇڏيندو. ۽ پوءِ سيتوءَ جي چهري ڏانهن ڏسڻ لڳي ته ائين معلوم ٿيس ٿي جيئن هوءَ ٻالي ڀولي معصوم نينگري آهي. اهڙي معصوم نينگريءَ ۾ ڀلا ڪو ڪيئن شڪ ڪري سگهي ٿو. روبرو ڪنهن تي الزام مڙهڻ ته ان کان وڌيڪ ڏکيو آهي.

تاهم الائن سوچيو ته صاف گوئيءَ کان ڪم وٺڻ ئي مناسب آهي.

"آخر تو ٻنهي کي ڪيئن ٻول ٻڌل رکيو آهي؟ تو وٽ ڪهڙو جادو آهي سيتو؟" ۽ ائين سمجهڻ ۾ ته سيتو جيڪا اڃا هيئنر معصوم نينگري پئي نظر آئي، سا اوچتو معمر ۽ مدبر عورت بڻجي ويئي.

ايس. ايرڊن

مترجم: ولي رام ولڀ

(منگوليائي ڪهاڻي)

# ڪنگورزل

ٻيلي جي راڪي مون کي ناراض ٿي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اچڻ لاءِ چيو هو، ۽ مون کي ياد آيو ته هن مون کي ’ڪنگورزُل‘ (هڪ جهنگلي گل) جي باري ۾ ٻڌائڻ جو وعدو ڪيو هو ته رات جي پوئين پهر ۾ منهنجي اک، کلي پيئي.

منهنجي ساءُ کي ٻڍاپي جون ڪئين بيماريون هيون، انهيءَ ڪري کيس گهري ننڊ ڪڏهن نه ايندي هئي. هلڪي کڙڪي تي به هوءَ جاڳي پيئي ۽ مون کان پڇڻ لڳي ته مان انهيءَ وقت ڪيڏانهن پيو وڃان. مون ٻڌايو ته چوڻ لڳي، ”سنڀالي وڃج، هو چڱو ماڻهو ناهي.“

مان هليو ويس. امان جي چوڻ مطابق ڪجهه خبردار به هئس، پر وٽس وڃڻ ڪان پوءِ مون کي لڳو ته منجهس اهڙي ڪابه ڳالهه نه هئي، جيئن ماڻهن سوچيو ٿي. هن جو ماڻهن سان ميل جول تمام گهٽ هو، انهيءَ ڪري ماڻهو پنهنجي طور تي جيڪي ڪجهه سمجهه ۾ آيو ٿي، هن جي باري ۾ سوچي وٺندا هئا — هو، جنهن جو هن دنيا ۾ ڪنهن سان ميل جول نه هو — سواءِ ٻيلي جي.

”ڪڏهن ڪڏهن ڇڏي جهنگ مان به مون کي آٿت نه ملندو آهي. مان ڪهاڻن وٽن ۾ گم ٿي وڃڻ چاهيان ٿو، گم به ٿي ويندو آهيان. رات جو ٻاهه ٻاري ڪو جانور ٻاهه تي پچائي وٺندو آهيان، رڇ جي کل ۾ ويڙهجي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لاڳيتو تماڪ ڇڪيندو رهندو آهيان، ۽ بس...“ هن مون کي ٻڌايو.

ٻيلي جي انهيءَ راڪي کي مان تڏهن کان سڃاڻان جڏهن مان اڃان ننڍو هئس، ٻي سمجهه هئس. تڏهن مون کي هو ’اوپرو اوپرو‘ لڳندو هو، پوءِ به موڪلن ۾ جڏهن مان ڳوٺ

هو ٻيلي جو راڪو نہ هو... سون هڪ ڏينهن موقعو وٺي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ آتان هليو ويس. پوءِ اڳتي تمام سڌي ڳالهہ آهي. پوءِ جڏهن زمانو بدليو تہ ملڪ جا ڏينهن مٽجي ويا. ٻيلي جي دشمن ۽ روپ جي دشمن جو وقت هليو ويو. مان موتي آيس ـ بلڪل هتي، جتي منهنجو گهر هو. هاڻي هتي مان ٻيلي جي سنڀال ڪندو آهيان ـ جهنگل جي جيئري جاڳندي سونهن جي ۽ ڪنگورزل جي مري ويل سونهن جي ـ ۽ ڪهڙي خبر تہ ڪنگورزل جو روپ مئو ناهي، جهنگل جي روپ ۾ اڄ بہ زنده آهي..."



Gul Hayat Institute

مقالا

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# مخدوم بلال - هڪ محب وطن بزرگ

هت اسين، سنڌ جي انهيءَ محب وطن ۽ مرد مجاهد بزرگ جا حالات پيش ڪيون ٿا، جنهن سنڌ کي غيرن جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ مجاهدانه جدوجهد ڪندي، شهادت جو جام نوش فرمايو. سنڌ جي هن محب وطن ديس کي ڌارين جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ، سنڌ جي سورمن ۾ سائينءَ جي سِڪ جو اهو روح ڦوڪيو، جو ٽلتيءَ جي ميدان تي قومي يُڌ لڙندي ڪيئي ڪولڊر ڪُسي ويا. سنڌ جي هن سدا جيئري سالڪ ۽ سورهيه نه فقط سنڌ جي جوڌن جوانن کي سندن لشڪر سميت، هڪ پليٽ فارم تي ڪٺ ڪري، قومي لڙائيءَ لاءِ آڀاريو، پر پنهنجن مريدن ۽ خليفن کي بہ لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ طرح انهيءَ خيال کي غلط ثابت ڪيائين تہ صوفي صرف حجرن ۾ وهندا آهن. سنڌ جي هن سورمي جي ڪوشش جي باوجود بہ قضا جو قلم وهي ويو، ڪئي ڪوپا قربان ٿي ويا، ۽ ديس ڌارين جي غلاميءَ ۾ اچي ويو. تنهن کان پوءِ هن سڀاجهيءَ سرزمين تي ڪيئي ويل وهيا ۽ ابوجهه عوام سان ڪيئي عقوبتون ٿينديون رهيون. ان کان پوءِ شاهه بيگ جي پٽ شاهه حسن جا بکر، اُچ ۽ ملتان تي حملا، تباهيون ۽ خونريزيون، همايون جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ ارغونن سان جهڙپون، ارغونن ۽ ترخانن جي هڪٻئي سان آويزش ۽ خانه جنگي، عيسيٰ ترخان ۽ محمود بکريءَ جون لڙايون، گوا جي عيسائين جو ٺٽي ۾ اچي قتل عام ڪرڻ، ڦُر ڪرڻ، ڦُر بہ اهڙي جو سڄي ايشيا ۾ اهڙي ڦُرلُٽ ڪا ورلي ٿي هوندي (سنڌ گزيٽيئر، ص ١٠٥)، ۽ ٺٽي کي باهه ڏيڻ، مرزا عيسيٰ جي پٽن جو هڪٻئي سان تخت ۽ تاج لاءِ وڙهڻ، مرزا باقيءَ جون ٺٽي ۽ سنڌ ۾ خونريزيون، ظلم ۽ ڏاڍ، آخر ۾ جاني بيگ ۽ خانخانان جي لڙائي (٩٩٩هه)، جنهن ۾ سنڌ وڃي مغلن جي قبضي ۾ پئي، ۽ ان لڙائيءَ هارائڻ کان اڳ جاني بيگ جو ٺٽي کي باهه ڏيڻ. سنڌ جو عوام انهن لڙاين ۽ خونريزين جي ڪري ڏُڪر ۾ پاهه ٿيندو رهيو، امان امان ۽ سک سلامتيءَ لاءِ سڪندو رهيو، ڌارين جي ظلم ۽ ڏاڍ جي گهاٽي ۾ پيڙهبو رهيو ۽ ٺٽي جهڙو نفيس، متمدن ۽ اعليٰ شهر ويو ناس ٿيندو.

Gul Hayat Institute

# نالو، نسب ۽ ولادت

مخدوم صاحب جو نالو بلال هو ۽ ذات جو سمون هو. سندس والد جو نالو مخدوم حسن هو. سندس ڏاڏو مخدوم ادريس سنڌ جي مشهور سمي حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو پاٽ هو(۱). روايتن ۾ اچي ٿو ته مخدوم بلال جو والد بزرگوار مخدوم حسن لس ٻيلي جو حاڪم هو. هڪ روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم بلال جي ولادت ۷- ربيع الاول ۸۵۶هه (۱٦- جون ۱۴۵۱ع) ۾ ٿي. محترم جي- ايم. سيد صاحب ڄاڻايو آهي ته غالبا نائين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ ڄائو هوندو(۲).

تعليم: مخدوم صاحب کي ننڍپڻ کان ئي ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق هو. ابتدائي تعليم ٺٽي جي مدرسن مان پرايائين. وڌيڪ تعليم لاءِ سيد نورحسين شاهه بخاري ٺٽوي جو نالو ٻڌي ڳوٺ ٽلٽي لڳ سيوهڻ آيو، جتي سيد صاحب درس و تدريس جو سلسلو هلائي رهيو هو. شاهه صاحب، مخدوم صاحب جي علمي شوق ذوق ۽ ذهانت کي ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو، ۽ کيس محبت ۽ شفقت جي نظر سان ڏسڻ لڳو. ڳوٺ جي دوڪاندار محمد خان ميمڻ کي چٺي ڇڏيائين ته بلال جيڪي به وٺيئي، اهو کيس ڏجانءِ ۽ پئسا مون کان وٺجانءِ ۽ بلال کي به اهڙو اطلاع ڏئي ڇڏيائين. بلال ته اڳ ۾ ئي علم حاصل ڪرڻ لاءِ اميرانه زندگي ترڪ ڪري نڪتو هو، انهيءَ ڪري دنيوي ٺاهه ٺوهه ڏانهن سندس ڪوبه ڌيان ڪونه هو. اهوئي سبب آهي، جو هٽ واري کان ڪابه شيءِ وٺڻ جي کيس ضرورت درپيش نه آئي. البته استاد جي حڪم ميجڻ جي ارادي سان سڄي سال ۾ هٽ واري کان هڪ پئسي جون پڪوڙن جون ڪلون وٺي، استاد جي فرمانبرداريءَ جو حق ادا ڪيائين.

ٻارهين مهيني شاهه صاحب جڏهن دوڪاندار کان حساب گهريو، ته کيس حقيقت معلوم ٿي. اهو ڏسي هو مخدوم صاحب جي علم ۽ ذهانت سان گڏ زهد ۽ تقويٰ جو حال معلوم ڪري، بيحد متاثر ٿيو. ان کان پوءِ ته اڃا به وڌيڪ کيس عزت ۽ محبت سان پيش اچڻ لڳو(۳).

ٽلٽيءَ ۾ ئي مخدوم صاحب سيد نورحسين شاهه کان سواءِ مخدوم عمر کان به تعليم حاصل ڪئي. اهڙي طرح ديني علمن جهڙوڪ: تفسير، حديث ۽ فقه ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. تواريخ معصومي جو صاحب مير معصوم بکري لکي ٿو: ”تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام ماهر هو. بلند درجن جو مالڪ هو. سندس سمورن حالات ۽ ڪمالات جي لکڻ جي قلم کي ڪابه طاقت ڪانهي(۴)“. تحفة الڪرام جو صاحب لکي ٿو: ”وڏو عارف ۽ واصل بالله هو. ظاهري علم ۾ پڻ وڏو شان رکندو هو(۵)“. سندس علم جي هاڪ جلد ئي پکڙجي ويئي ۽ ڪيترائي علم جا اڃايل، پرانهن پنڌن تان کهي اچي، وٽانئس علم پرائڻ لڳا.

قيام: ديني ۽ روحاني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم صاحب اتان ئي شادي ڪئي، ۽ اتي ئي رهي پيو. حلال روزي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪپڙي اڻڻ جو ڌنڌو اختيار ڪيائين، ۽ ٽلٽي لڳ ڳوٺ ”بخاري“ ۾ ڪورڪي ڪرت شروع ڪيائين (٦).

Gul Hayat Institute

مٿين بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب حضرت خواجہ خضر کان روحاني فيض حاصل ڪيو، پر طريقت ۾ سندس مرشد شيخ دوست علي سيوستاني يا سيوهاڻي هو، جنهن جو طريقت جو سلسلو شيخ نجم الدين ڪبريٰ سان ملي ٿو، مٿين بيان مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب کي مطالعي جو بہ شوق هو. هڪ ٻي روايت مان بہ ان ڳالهہ جي تصديق ٿئي ٿي، ۽ خبر پوي ٿي، تہ هو شيخ نجم الدين ڪبريٰ جي مرشد ابوالنجيب عبدالقاهر سهروردي جي پائٽي ۽ مريد شيخ شهاب الدين عمر سهروردي جو تصوف تي لکيل مشهور ڪتاب عوارف المعارف جو مطالعو ڪندو رهندو هو. حامد بن فضل الله جمالي "سير العارفين" ۾ لکيو آهي:

"سيوهڻ جي پرسان "بحري*" نالي ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ ۾ هڪ درويش هو، جنهن جو نالو مولانا بلال هو. هو تمام گهڻي رياضت ڪرڻ وارو ۽ اعتقاد جو پڪو هو. جڏهن مان سندس ڳوٺ ۾ ويس، تہ سائس ملاقات ڪيم. ان جي اڳيان عوارف (عوارف المعارف) رکيو هو. هن حقير (جمالي) سان ان ڪتاب جي ڪن مقامات تي سندس خيالن جي ڏي-وٺ ٿي. هو صاحب دل انسان هو"(١٢).

جيئن تہ مخدوم صاحب جو تعلق سهروردي سلسلي ۽ ان جي شاخ ڪبرويہ سان هو، انهيءَ ڪري ان جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

## سهروردي سلسلو:

سهروردي سلسلي جو بنياد حضرت شيخ ضياءالدين ابونجيب عبدالقاهر سهروردي وڌو. سندس نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان هن طرح ملي ٿو:

"شيخ ضياءالدين ابوالنجيب بن عبدالله بن محمد بن عبدالله بڪري المعروف بہ شيخ عمويہ بن سعد بن حسين بن قاسم بن سعد بن نصر بن عبدالرحمان بن قاسم بن محمد بن ابوبڪرصديق رضہ" (١٣).

حضرت شيخ ابوالنجيب جي ولادت سهرورد ۾ سنہ ٤٩٠هہ (١٠٩٧ع) ۾ ٿي. بغداد جي مدرسہ نظاميہ مان ديني علمن جي تحصيل ڪان پوءِ انهيءَ مدرسي ۾ ٻہ سال مدرس ٿي، درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. طريقت ۾ امام محمد غزاليءَ جي ڀاءُ شيخ احمد غزالي جو فيض يافتہ هو، جنهن جي طريقت جو سلسلو سيدالطائفہ حضرت جنيد بغداديءَ ڏانهن منسوب سمجهيو ويندو آهي. حضرت شيخ ابوالنجيب، حضرت غوث العالم سيد عبدالقادر جيلاني کان بہ فيض پرايو. ان کان سواءِ حضرت غوث العالم جي روحاني پيشوا شيخ "حماد باس" کان بہ فيض حاصل ڪيائين.

---

*ڳوٺ جو صحيح نالو "بخاري" آهي، جيئن اڳ ۾ اچي چڪو آهي. هتي ان نالي جي صورت بگڙجي "بحري" ٿي ويئي آهي.

### ۴- مخدوم حسن:

درويش حسن مقري عرف بلاولي، اصل واڍو هو. نهايت پرهيزگار ۽ زهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هڪ طهارتخانو هوندو هوس، جنهن ۾ جڏهن به وضو ڪرڻ ويندو هو، ته بيخود ٿي ويندو هو. روايت آهي ته هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو ڏکڻ، سندس ملاقات لاءِ آيو. اتفاقاً هو انهيءَ وقت طهارتخاني ۾ وضوءَ لاءِ ويو هو. اندر وڃي ڏٺائين ته درويش ٽڪر ٽڪر ٿيو پيو هو. هو دهشت کان ٻاهر نڪري آيو(۴٦). سندس باري ۾ تحفة الڪرام جي صاحب ٻي هڪ روايت هن طرح ڏني آهي ته: "هڪ ڏينهن ٻپهري جي وقت کوُنرو هٿ ۾ کڻي وضو ڪرڻ ويٺو. هٿن تي پاڻي هارڻ تي گهريائين، ته هوڏانهن بانگي بانگ شروع ڪئي. درويش بيخود ٿي ويو ۽ باقي ڏينهن ۽ رات ۽ ٻي ڏينهن جي ٻپهري تائين بيهوش ٿيو پيو هو. ڪنهن کي به ڪيس هوش ۾ آڻڻ جي طاقت نه ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن بانگي ساڳي بانگ شروع ڪئي، تڏهن هوش ۾ اچي پڇيائين ته "شايد اڃا بانگي بانگ پوري نه ڪئي آهي؟" (۴۷)

هڪ ٻي روايت به ڏني اٿس ته: هڪ ڏينهن مخدوم مراد ولد مخدوم صدرالدين لاهوتي (جو لاهوت ۾ هڪ ڪامل عالم ٿي گذريو آهي) سندس زيارت لاءِ آيو. جيئن سواريءَ وارو ڏڳو ٻاهر ٻڌي سندس حاضريءَ ۾ آيو، تيئن خادمن ٻڌايس ته درويش ستن ڏينهن کان وضوخاني ۾ ويل آهي. اهو ٻڌي حيران ٿي ويو، ته ايتري ۾ درويش به ٻاهر نڪري آيو. مخدوم چيس ته "ست ڏينهن خدا جا فرض وڃايا اٿيئي؟" فرمايائين ته "تون وڃي پنهنجي ڏڳي جي خبر لهه، ان ڳالهه ۾ ڇو پيو آهين؟" انهيءَ وقت مخدوم کي اچي ٻڌايائون ته سندس ڏڳو گم ٿي ويو آهي. ڏاڍي ڳولها کان پوءِ ڏڳو لڌي، موٽي هليو ويو ۽ وري فقير تي اعتراض نه ڪيائين (۴۸).

مٿي بيان ڪيل بزرگن کان سواءِ مخدوم سعد عرف ساند (سڪرنڊ)، ۽ مخدوم هنگورو (نزديڪ مورو) به سندس خليفا هئا (۴۹). سندن وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي.

## حوالا


(1) Dr: H. I. Sadarangani: Persian Poets of Sind, Sindhi Adabi Board, 1956, P. 12.

(۲) جي- ايم- سيد: پيغام لطيف، حيدرآباد، ۱۹۵۴ع، ص ۸۲.

(۳) حافظ محمد احسن چنا: مخدوم بلاول، دادو، ۱۹۵۵ع، ص ۱-۲.

(۴) تاريخ معصومي، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، ص ۱۹۸-۱۹۹.

(۵) تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، ص ۱۴۱.

(٦) حافظ محمد احسن چنه، مخدوم بلاول، ص ۲.

(۷) ايضاً، ص ۲-۳.

(٣٠) ايضا.
(٣١) ايضا.
(٣٢) پيغام لطيف، ص ٢١.
(٣٣) مقالات الشعراء، ص ٩٢.
(٣٤) تحفة الکرام، ص ٢٠٥.
(٣٥) ايضا، ص ١٤٣.
(٣٦) ايضا.
(٣٧) ايضا، ص ١٥٤.
(٣٨) ايضا.
(٣٩) پيغام لطيف، ص ٨٣.
(٤٠) ايضا.
(٤١) ايضا.
(٤٢) ايضا.
(٤٣) ايضا، ص ١٨٤.
(٤٤) ايضا، ص ٨٣، لطف اللطيف: مولانا دين محمد وفائي، ص ١١. ينهي صاحبن اهو احوال قاضي هدايت الله مشتاق متعلوي جي تحرير تان نقل کيو آهي.
(٤٥) پيغام لطيف، ص ٨٤.
(٤٦) ايضا، ص ٥٣.
(٤٧) تحفة الکرام، ص ٢١٨.
(٤٨) ايضا، ١٥٢.
(٤٩) ايضا، ص ١٥٣.



Gul Hayat Institute

قريشي حامد علي ”خانائي“

# مامُوئن جي قصي جو سنڌي ادب ۾ مقام

سنڌي ادب جي تاريخ جي مطالعي مان اها ڳالهه صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌي زبان جي اوائلي شعر جو ذخيرو اڪثر ڪري روايتي انداز ۾ ملي ٿو. ان قسم جو شعر ڪجهه قدر ”دوهن“ ۽ ”بيتن“ جي صورت ۾ مليو آهي، جنهن کي هر دؤر ۾ مختلف نمونن ۽ صورتن ۾ سنڌ جي ڪيترن گمنام شاعرن ڏانهن منسوب ٿي ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سان سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ”سمن“ جي دؤر ۾ ”ستن درويشن“ جا ست بيت ملن ٿا، جن کي ”ماموئي جا بيت“ ڪري سڏيو ويو آهي. اهي بيت پڻ روايتي نموني ۾ ملن ٿا، ۽ ڪابه پڪ ڪانه آهي ته اهي بيت ڪهڙن شاعرن جا آهن ۽ سندن نالا ڇا هئا؟ صرف اهي ”ماموئي يا ساموئي“ جي نامعلوم درويشن ڏانهن منسوب ڪيا ويا آهن. مامُوئن جي انهيءَ قصي کي جڏهن تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي ٿو، ته ان ۾ ڪافي کوٽ ۽ ميل مليل نظر اچي ٿو. ان قصي ۾ سواءِ ڏند ڪٿا جي ٻي ڪابه تاريخي صداقت نظر ڪانه ٿي اچي. اسان هت سڀ کان پهرئين انهيءَ قصي جو تاريخي لحاظ کان جائزو وٺون ٿا ۽ ان جي ڏند ڪٿا وارين روايتن جو پڻ تجزيو ڪنداسون ۽ پوءِ انهن بيتن جي ادبي پهلوءَ تي مختصر روشني وجهنداسون.

مامُوئن جي انهيءَ قصي جي نشاندهي سنڌ جي ڪنهن به آڳاٽي تاريخ يا تذڪري ۾ ڪنهن به مؤرخ نه ڪئي آهي. سڀ کان پهرين سنڌ جي انهيءَ قصي ڏانهن اشارو سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجي رسالي جي ”سر مومل راڻي“ ۾ ڪيو آهي. شاهه صاحب چوي ٿو:

پري ڪان پاسي ٿيا، مامُوئن (۱) مثال (۲) (۳).

شاهه صاحب جي انهيءَ بيت ۾ ”مامُوئن“ لفظ جي استعمال مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته شاهه ڀٽائي جي زماني ۾ شايد اهو قصو سنڌ جي قصي گو راوين وٽ مشهور هو. ليڪن سنڌ جي تاريخ نويسن ان کي غيراهم سمجهي، ڪنهن به تاريخ يا تذڪري ۾ ان جو ڪوبه ذڪر نه ڪيو آهي. ساڳئي وقت اهو به تعجب آهي ته شاهه ڀٽائيءَ جي دؤر جو مشهور مؤرخ ۽ تذڪره نگار مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي پڻ ان قصي کي غيراهم ۽ ڏند ڪٿا سمجهي، پنهنجي

غلط العام تي ”ماموئي“ مروج ٿي ويو هجي! قصي کي وڌيڪ تاريخي بنائڻ لاءِ ”ماموئي“ لفظ جو اضافو ان خيال سان ڪيو ويو هجي ته اهي ست ئي فقير سمن جي گاديءَ جي هنڌ ”ماموئي“ جا رهندڙ هئا! ليڪن اهي سڀ ڳالهيون پوءِ جي ماڻهن جون ملايل آهن ته جيئن انهيءَ ڏند ڪٿا کي وڌيڪ تاريخي اهميت حاصل ٿئي.

ديوان پيرومل مهرچند آڏوانيءَ پنهنجي بيان ڪيل قصي لاءِ ڪابه تاريخي سند پيش ڪانه ڪئي آهي. ديوان صاحب سن ١٩١١ع ۾ سنڌ جو سير ڪندي بلڙي شاهه ڪريم ڏي ويو هو ۽ اُن قصي جي باري ۾ اُتان جون مقامي مروج روايتون ٻڌي سُڌي ڪئي پنهنجي ڪتاب ۾ گڏ ڪيائين. ديوان صاحب سنڌ جي انهيءَ قصي کي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ جي دَوُر ڏانهن منسوب ڪيو آهي. حالانڪ شاهه عبدالڪريم جو زمانو ٩٤٤هه - ١٥٣٧ع کان ١٠٣٢هه - ١٦٢١ع جو آهي. شاهه عبدالڪريم سنڌ جي سمي حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي (٨٦٤هه - ٩١٤ع) ڪان گهڻو پوءِ ٿي گذريو آهي. ساڳئي وقت بلڙيءَ جي قديم بستي، جنهن جي نسبت ديوان صاحب مائي بلڙي، ستن فقيرن جي فرضي پيڙ ڏانهن ڏيکاري ٿو، سا پڻ تاريخي لحاظ کان غلط آهي. ديوان صاحب انهن ستين بيانن لاءِ ڪوبه مستند تاريخي حوالو ڪونه ڏنو آهي. ممڪن آهي ته اها به ڪا ڏند ڪٿا هجي! باقي سنڌ جي تاريخ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته بلڙي سنڌ جي هڪ قديم بستي آهي، جنهن جي نشاندهي ابن حوقل جي نقشي ”سنڌ ۽ گجرات“ ۾ ڪيل آهي(١٦). مائي بلڙي يا مائي مڪلي ستن فقيرن جون پيئرون هجن ها ته ضرور سنڌ جا مؤرخ ۽ تاريخدان ان جو ذڪر پنهنجن تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ڪن ها! ان ڪري اسان ان راءِ جا آهيون ته هي ”ماموين“ جو قصو جڙتو ۽ من گهڙت آهي ۽ پوئين دَوُر جي دماغن ۽ ذهنن جي پيداوار آهي.

ان کان پوءِ هت سنڌ جي عالمن ۽ محققن جا مختلف رايا، انهيءَ قصي جي باري ۾ پيش ڪيون ٿا. علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو قول آهي ته اهو قصو سنڌ جي سمي حاڪم ڄام تماچي ٻئي جي دور ۾ ٿي گذريو آهي(١٧). مرحوم لطف الله بدوي وري ان قصي کي ڄام نظام الدين جي دور جو قصو ڪري ڄاڻائي ٿو(١٨). سيد حسام الدين راشدي صاحب ”سنڌي ادب“ (اردو) ۾ لکي ٿو ته، ”ماموئي جا ست بيت معما آهن ۽ اهي ست درويش ماموئي (ٺٽي) جي قريب ٿي گذريا آهن ۽ انهن جي زماني جو ڪوبه تعين ٿي نه سگهيو آهي. ڄام نظام الدين (٨٦٤هه - ٩١٤هه) کان اڳ ٿي گذريا آهن“(١٩).

انهن عالمن جا رايا پڻ رچرڊ برٽن جي بيان ڪيل قصي تي مدار رکن ٿا، جنهن جي بنياد تي انهن عالمن پنهنجا مختلف شڪ سان ڀريل رايا بيان ڪيا آهن. خود سر رچرڊ برٽن ان باري ۾ پنهنجو رايو هن طرح سان ڏئي ٿو ته، ”تعجب آهي ته جڏهن انهن پيشنگوين جو ڄام تماچي يا سندس زماني سان ڪوبه تعلق نه آهي، تڏهن انهن تي هرويرو ويساهه ڪرڻ ضرور ڪينهي. پر ان ۾ شڪ نه آهي ته بيت پراڻا آهن“(٢٠) (٢١).

(٣٣) رچرڊ برٽن: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون“، ص ٨٧.

(٣٤) ڀيرو مل آڏواڻي: ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص٢١٢.

(٣٥) علامہ دائود پوٽي مرحوم انهن بيتن کي سڀ ڀهريائين سر رچرڊ برٽن ۽ هيگ صاحب جي ڪتابن تان نقل ڪيا هئا. انهن بيتن کي ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ”شاهہ جي رسالي“ جلد ٣ ۾ هوبهو ڏنا آهن. تعليم اخبار وارا بيت خبر نہ آهي تہ ڪٿان ڏنا ويا آهن. (تذڪره لطفي، جلد ٻيو، ص ٥٣ ۽ ٥٤).



Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

# سنڌ ۾ عيسائيت جي تبليغ ۽ سنڌي علم ادب

## (قسط — ١)

[١٤- اپريل، ١٩٨٠ع بروز سومر سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئشن، گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي سهڪار سان آنجهاني ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو ڏينهن ملهايو. نامور پرڏيهي آنجهاني اديب ۽ عالم جي هن ورسي جي صدارت جڳ مشهور سنڌي سپوت جناب جي. الانا ڪئي. سندن فصيح ۽ معلوماتي صدارتي تقرير کان اڳ ترتيبوار منير چانڊيو، عنايت بلوچ ۽ راقم مقالا پڙهيا.

مون ڊاڪٽر ٽرمپ جي اوٽ وٺي ۽ خود ڊاڪٽر ٽرمپ کي خيال ۾ رکندي، هڪ اهم موضوع کي هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجي خيال ۾ اهو موضوع بنهه نئون ۽ الڳ آهي، جنهن تي هن کان اڳ سنڌي زبان ۾ اتي ۾ لوڻ برابر لکيو ويو آهي.

مجلسن ۽ مذاڪرن، ورسين ۽ ڪانفرنسن جي موقعن تي مقالي نويسن کي پنهنجي محنت کان وڌيڪ حاضرين جي موڊ کي به ذهن ۾ رکڻو پوي ٿو. اسان جي روايتن مطابق جيئن مقالي نويس کي موقعي کان اڳ مقالي لکڻ لاءِ مناسب وقت يا مهلت نه ڏني ويندي آهي، تيئن موقعي تي وري ڪيس تفصيل ۾ وڃڻ جي به اجازت نه ڏني ويندي آهي. مون انهن مجبورين کي ذهن ۾ رکي پنهنجو مقالو تيار ڪيو هو.

منهنجو مقالو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين حصي ۾ سڌو سنئون موضوع کي هٿ ۾ کنيو ويو [جو هتي قسط ۱ طور شايد ٿي رهيو آهي] ۽ جوئي رڳو ڊاڪٽر ٽرمپ جي ورسيءَ جي موقعي تي پڙهيو ويو. ٻيو حصو "حوالن ۽ وضاحتن" تي ٻڌل آهي. حقيقت ۾ هن ٻي حصي جون وضاحتون منهنجي نيت کان سواءِ تاريخ جي ڪن ڊگهن ورقن تان پردو هٽائين ٿيون. انهيءَ ڪري وضاحتن کي ذهن ۾ رکڻ کان سواءِ هن مقالي مان ڪو به لاڀ پرائي نٿو سگهجي. مقالي جو ٽيون حصو "ضميمن" تي مشتمل آهي، ۽ اهي ضميما هن موضوع تي اضافي معلومات ڏين ٿا.

اگهاڙي پادري (Carmelite monk) جو ٿالو ضرور ٺاهيو آهي. اهو آهي فري پيڊرو ڊي سنٽا ٽيرزا (Frey Pedro de Santa Terza)(١٨). انهيءَ کان پوءِ اسان کي ١٦٧٢ع تائين ٽن پادرين جا نالا ملن ٿا، جن ٺٽي ۾ وفات ڪئي. اهي آهن: فادر لوئي فرانسس (Father Louis Francis) جنهن آڪٽوبر ١٦٢٢ع ۾ وفات ڪئي، جيڪو اصل ۾ اسپيني باشندو هو. ٻيو فادر پيٽرڪ آف سينٽ لوئي (Fr. Patrick of St. Louis) جيڪو فرينچ هو، ۽ آگسٽ ١٦٤٣ع ۾ وفات ڪيائين. فادر مچل آف سينٽ سائمن (Fr. Michael of St. Simon)، جيڪو پورچوگيزي هو، ۽ جولاءِ ١٦٥٧ع ۾ وفات ڪيائين ۽ فادر پيٽر (Fr Peter) جنهن ١٦٧٢ع ۾ وفات ڪئي(١٩). انهيءَ کان پوءِ انگريز بدر هيملٽن (Alexander Hamilton) به ١٦٩٩ع ۾ ٺٽي ۾ سندن هڪ چرچ جو ذڪر ڪيو آهي(٢٠).

١٦٢٣ع ۾ ڊائيگو ڊي سانٽ آنا (Diogo de Sant Anna) پنهنجي مڙهي (Monastery) قائم ڪري سينٽ آگسٽن جي پوئلڳن جي سلسلي کي سنڌ ۾ پهچايو(٢١). هن سلسلي (Augustinan Friars) وري لاهري بندر کي پنهنجي مذهب جي تبليغ جو مرڪز بڻايو(٢٢). هنن لاهري بندر ۾ هڪڙي ديول به تعمير ڪرائي، جنهن جي ديوارن تي تثليث جون تصويرون چٽيل هيون(٢٣). وقت جي مغل حڪمران شاهجهان جي ذمي ۽ ڪاوڙ سندن تبليغي ڪم کي متاثر ڪيو ۽ انهيءَ ذمي هيٺ سندن لاهري بندر واريون مذهبي جايون ڊاهيون ويون، ۽ سندن هڪ ماڻهو انتونيو ڊي ڪرائيٽيو (Antonio de critoe) کي جيل اماڻيو ويو. ليڪن سباسشن مانريڪو (Sebastion Manrique) انهن جاين کي وري ١٦٤١ع ۾ ٻيهر تعمير ڪرايو(٢٤).

جيئن ته سنڌ ۾ عيسائيت کي مانوس ڪرائڻ ۾ پورچگيزي سڀ کان اڳوا هئا، ان ڪري انهن جا هندستان مان جڏهن پير ٽڙڻ لڳا ته اهو اثر سندن تبليغي ڪم تي به پيو. سندن جاءِ والاريندڙ انگريز ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي عيسائي بنائڻ کان وڌيڪ سندن استحصال ڪرڻ تي توجهه ڏنو. انهيءَ ڪري سندن ارادا مذهب کان وڌيڪ سياسي رنگ ۾ رتل هئا. اهڙين حالتن ڪري انهيءَ دور ۾ سنڌ تبليغ بدران جاسوسيءَ جو نشانو بڻجڻ لڳي. انهيءَ کان سواءِ هن ڳالهه کي به نظرانداز ڪري نٿو سگهجي ته پورچگيزي اثر هيٺ سنڌ ۾ تبليغ ڪندڙ عيسائي سرڪاري سرپرستيءَ کان محروم هئا، ليڪن انگريزن هڪ منظم طريقي سان ڪن اصولن مطابق پنهنجي مذهب جي مبلغن جي حفاظت ۽ سرپرستي ڪئي. جيئن ته انهيءَ زماني ۾ سنڌ هڪ الڳ ۽ آزاد ملڪ هو، ان ڪري انگريزي عيسائين هتي بي سهاري تبليغ ڪرڻ بدران پنهنجي سرڪار جي حفاظت هيٺ هندستان جي حدن اندر ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان ڪري سنڌ جو خطو ڪجهه وقت لاءِ عيسائيت جي پرچار کان پري رهيو. ليڪن عيسائيت جي اها ڏوري ١٨٤٣ع ۾ سياست ۽ مذهب جو روپ وٺي سنڌ تي حاوي ٿي ويئي. جنهن نه رڳو هڪ الڳ ۽ آزاد ملڪ کي غلام بنائي ڇڏيو، پر ان جي تهذيب ۽ تمدن جي توازن کي

Gul Hayat Institute

ٻہ هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. سنڌ جي سماج جو ڪو ٻہ پهلو نہ رهيو جنهن ۾ ڪايا پلٽ جهڙي حالت نہ ٿي هجي.

يورپي ماڻهو ۽ عيسائي مبلغ جيڪي گهڻو وقت اڳ رت جيان اسان جي سماج جي جسم ۾ داخل ٿي چڪا هئا(٢٥)، تن کي ١٨٤٣ع جي تبديلي سنڌ جي سماج جو تنها وارث بڻائي ڇڏيو. جيئن تہ هن موقعي تي عيسائيت جي سڀڪي جا هڪ ئي وقت تي ٻئي پاسا ڏيکاري نٿا سگهجن، ان ڪري اسان ٻين ڳالهين کي نظرانداز ڪندي پاڻ کي رڳو سنڌ ۾ مذهب جي ميدان تائين محدود رکون ٿا.

سنڌ تي قبضي ٿيڻ کان پوءِ عيسائي، فوجين لاءِ گرجا جا پادري ٻنجي هتي آيا. انهن ۾ اڪثريت ڪئٿولڪ پادرين جي هئي. پوءِ ان مان ڪن کي ڪارملائيٽس (Carmelites) بڻايو ويو، جن ٻهريون حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچيءَ کي پنهنجو مرڪز بڻائي عيسائيت جي تبليغ ڪئي. اهي سرڪاري پادري ١٨٥٢ تائين سرگرمِ عمل رهيا، جن کان پوءِ سنڌ جاءِ اچي جيسيئيٽس (Jesuits) والاري(٢٦). رومن ڪئٿولڪ عيسائين جي هن پراڻي فرقي ۾ ڪيترا جرمن ٻہ هئا تہ ڪيترا آمريڪي ۽ اسپينش ٻہ.

١٩٣٥ع تائين ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٻہ فوجي پادري، ڪوٽڙي ۽ سکر ۾ ٻہ ريلوي پادري ۽ ڪياماڙيءَ ۾ هڪ پادري هوندو هو. هن وقت تائين سنڌ جون سموريون عيسائي جماعتون ۽ تنظيمون بمبئي جي عيسائي آفيس (Archdiocese) جي ماتحت ڪم ڪنديون هيون. جڏهن سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري تحريڪ حقيقت جو روپ ورتو ٿي هئي، تہ سنڌ ۽ بلوچستان کي ملائي عيسائيت جي تبليغ جو الڳ مرڪز (Ecclesiastical unit) بڻايو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ ٢٢-جون ١٩٣٥ع تي پوپ پال جي حڪم تي ڊچ پادرين (Dutch Franciscans) اچي رومن ڪئٿولڪ وارن کان چارج ورتي، ۽ فادر ويلينس وائينڪ (Fr. Valens wienk) کي هن نئين يونٽ جو ٻهريون مذهبي سربراهہ مقرر ڪيو ويو(٢٧).

١٨٤٣ع کان وٺي ١٩٤٧ع تائين سنڌ ۾ عيسائيت جي پرچار جي ڪهاڻي سرڪاري سرپرستيءَ(٢٨) ۾ مذهبي جنون ۽ جدوجهد جو هڪ طويل داستان آهي. هن دور ۾ عيسائيت جي تبليغ لاءِ ڪيتريون ئي مذهبي جماعتون قائم ڪيون ويون(٢٩). سنڌ جي عيسائين پنهنجي تبليغ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو. ڪن وڃي اسڪول کولي نئين نسل کي پنهنجي عقيدي جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي(٣٠)، تہ ڪن وڃي فوجي ڇانوڻيون سنڀاليون، ڪن ڊسپنسريون ۽ گرجائون کوليون(٣١)، تہ ڪن اسپتالون ۽ سماجي خدمتن جا ادارا قائم ڪيا(٣٢). ڪن وڃي جيلن ۾ قيدين تي قرب ڪيا تہ ڪن وڃي ريل گاڏين ۾ چڙهي عوام کي "هندو پاڻي" ۽ "مسلمان پاڻي" کان نجات ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. مطلب تہ هنن زندگيءَ جي هرهڪ شعبي تي حاوي پوڻ جي ڪوشش ڪئي. ١٨٤٣ع کان وٺي ١٩٤٧ع تائين ڪراچي، ڪوٽڙي، حيدرآباد، نوابشاهہ، ماتلي، سانگهڙ، ميرپورخاص، شاهپور، سامارو، نبيسر روڊ،

Gul Hayat Institute

تاراچند جو ڳوٺ، ڪاڇيلو ۽ سکر عيسائيت جي تبليغ جا مکيه مرڪز رهيا(٣٣). سنڌ ۾ عيسائي مبلغن کي پنجابي ڀنگين، ڀيلن ۽ ڪولين ۾ چڱي مقبوليت نصيب ٿي. ١٩٤٧ع جي انگن اکرن مطابق سنڌ ۾ رهندڙ ڪرستانن جي آبادي ويهه هزار هئي، جن ۾ گهڻائي انگريزن، مدراسين، گوانن ۽ پنجابين جي هئي(٣٤).

سنڌ ۾ عيسائي تبليغ جي انهيءَ پس منظر کي ذهن ۾ رکي آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جي ٻولي ۽ علم ادب انهيءَ جو ڪيترو نہ اثر قبول ڪيو هوندو. اسان جيڪڏهن عيسائي تبليغ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پاڙ ۾ لاڳاپي جو خاڪو چٽينداسين تہ اهو اسان اڳيان ٻہ روپ وٺي بيهندو. پهرين روپ ۾ اسان جي ٻولي ان کان متاثر ٿيل نظر ايندي، ۽ ٻئي روپ ۾ خود عيسائي مبلغ ۽ سنڌن تبليغ اسان جي علم ادب جي اثر هيٺ آيل نظر ايندا.

١٨٨٥ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ پهرين ميڪس ڊينسو هال لٽريري سوسائٽي (Max Denso Hall literary society) قائم ٿي ٿي تہ ان جو پهريون صدر بمبرج (Bambridge) نالي هڪ پادري ٿيو هو(٣٥)، ۽ انهن اسان جو سنڌي ادب پادرين جو اثر قبول ڪري ٿو.

سنڌ ۾ عيسائيت جي پرچار صحافت جي دنيا کي بہ بيحد متاثر ڪيو. ١٨٩٦ع کان شايع ٿيندڙ سنڌن "جوت" اخبار سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. "گل قل" ۽ "دلبهار" جهڙا ڪتاب اڳ "جوت" ۾ شايع ٿيل مضمونن ۽ ڪهاڻين تي مشتمل آهن.

سنڌ ۾ عيسائيت جي پرچار سنڌي ٻوليءَ ۾ "فرقي پرست" ادب جو بہ اضافو ڪيو. حقيقت ۾ مطالعي هيٺ آيل دور ۾ اسلام، عيسائيت ۽ هندو ڌرم جي وچ ۾ مذهبي ڇڪتاڻ انگريزي راڄ جي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" واري حڪمت عمليءَ جو نتيجو هئي. ليڪن سنڌ ۾ هن وبا کي پکيڙڻ ۾ عيسائيت جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. سنڌ جي مسلمانن تي پهريون مذهبي وار "قرآن جو بنياد" نالي هڪ ڪتاب هو، جنهن جي جواب ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ ١٩١١ع ۾ "فتح محمدي" ڪتاب لکيو.

عيسائيت جي تبليغ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي ڪيترائي ليکڪ ۽ اديب ڏنا. انهن ۾ سنڌين مان پرمانند ميوارام(٣٧)، فادر ڪوٽواني(٣٨)، ۽ ٽي- ڪيمچند(٣٩) جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن سنڌي عيسائين سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي جا خدمت ڪئي آهي، انهيءَ کي ڪڏهن بہ نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. ساڳي نموني سان هن پرچار اسان کي اي- آر- ڪارسن (A. R. Carson)(٤٠)، پادري شرٽ، ۽ هسڪل (C. W. Haskell)(٤١) جهڙا غير سنڌي ليڪن سنڌي ٻوليءَ جا اديب بہ ڏنا.

سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي متاثر ڪندڙ عيسائي مبلغن جي "سنڌ ڪرسچن لٽريري سوسائٽي" (Sind christan literary society) کي بہ ڪڏهن نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. اهو بي محل نہ ٿيندو، جيڪڏهن هن سوسائٽيءَ جو مختصر تعارف پيش ڪيو وڃي.

سند ۾ اڳ ئي "چرچ مشن سوسائٽي" (Church mission society) ۽ زنانه مشن سوسائٽي (Zanan missionary society) پنهنجو تبليغي ڪم ڪنديون هيون. انهن ٻنهي سوسائٽين ۱۹۰۶ع ۾ "سنڌ ڪرسچن لٽرري سوسائٽي" قائم ڪئي، جنهن جي ٻهرين ورڪنگ ڪميٽي ڊبليو. جي. آبيگئل (W. J. Abigail)، آءِ. اي. ريڊمين (A. E. Redmen)، مس برينٽن ڪيري (Miss Brenton carey) ۽ مسٽر تلسيداس منسکاڻي (Tulsidas Manskhani) تي مشتمل هئي (۴۱)

انهيءَ سوسائٽي ۱۹۱۰ع ۾ پنجاب جي رليجس سوسائٽي (Religious Society) سان الحاق ڪري، ان جي ذيلي جماعت جي حيثيت سان عيسائيت جي اشاعت جو ڪم جاري ڪيو. ۱۹۲۵ع ۾ هن سوسائٽيءَ کي الڳ ۽ خود مختيار بنايو ويو. ان کان پوءِ ڪراچي هن سوسائٽيءَ جي مرڪز جي حيثيت رکندي هئي، ۽ ان جون شاخون سنڌ جي ٻين هنڌن تي به هيون(۴۲).

هونءَ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ "چرچ مشنري سوسائٽي" به ڪجهه ڪتاب شايع ڪرايا، پر هيءَ سوسائٽي ته محض انهيءَ مقصد خاطر قائم ڪئي ويئي هئي. غير عيسائي سنڌي ليکڪن سان مرزا قليچ بيگ هن سوسائٽيءَ سان ڪافي قلمي تعاون ڪيو. هن صاحب ۱۹۲۳ع ۾ انجيل جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ ان کان پوءِ وقت بوقت سوسائٽيءَ لاءِ ڪتاب ترجمو ڪندو رهيو. عيسائي سنڌي ليکڪن سان يڳتاڻي ۽ چندوراءِ انهيءَ جا ليکڪ ۽ مترجم رهيا. اي. آر. ڪارسن ۽ هسڪل به هن سوسائٽيءَ لاءِ ڪتاب لکيا.

هن سوسائٽيءَ سنڌي ۾ اڻ ڳڻيا ڪتاب شايع ڪرايا. ڪتابن جي اشاعت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ۱۹۲۴ع ۾ هن سوسائٽيءَ سنڌي ۽ گرمکي زبانن ۱۶۹ ڪتاب شايع ڪرايا.

ائين نه آهي ته رڳو عيسائيت جي تبليغ ئي اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي متاثر ڪيو آهي، ليڪن حقيقت هيءَ آهي ته خود اسان جو علم ادب به عيسائيت جي تبليغ ۽ انهيءَ جي مبلغن تي اثرانداز ٿيو آهي. اسان مثال طور ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (Dr. Ernest Trumpp)(۴۳) جو نالو "هڪ رانجهو لکان دي مت" مصداق پيش ڪري سگهون ٿا، جنهن کي پنهنجي مذهب جي تبليغ کان به وڌيڪ اسان جي علم ادب ايترو ته متاثر ڪيو جو هن لاکيڻي لطيف جي ڪلام کي ۱۸۶۶ع ۾ پنهنجي محنت ۽ محبت سان سهڻي سينگاري شايع ڪرايو.

ڊاڪٽر ٽرمپ عيسائيت جي تبليغ ۽ "چرچ مشن سوسائٽي" (Church Mission society) جو اهو گل هو، جنهن سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي تاريخ واري چمن ۾ نه رڳو هڪ موزون جاءِ والاري، پر انهيءَ کي پنهنجو هڳاءُ به ڏنو. ڊاڪٽر ٽرمپ رشتي جي هڪ اهڙي ڪڙي بنيو جنهن سنڌ ۽ جرمنيءَ کي علمي ۽ ادبي نقطه نگاهه کان هڪٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو. جيتوڻيڪ ڪائنس اڳ ۱۸۴۲ع ۾ ڪئپٽن ليوپولڊ (Leopold von orleige) سنڌ ۾ آيو(۴۳). ليڪن ڊاڪٽر ٽرمپ جي آمد انهيءَ دور جي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ ربط پيدا ڪري ڇڏيو.

سندس سنڌي ٻولي ۽ علم ادب سان عشق هڪ افساني کي حقيقت بنائي ڇڏيو. هن نہ رڳو سنڌي ٻولي ۽ شاهہ کان متاثر ٿي کين مغرب ۾ مانوس ڪرايو، پر هو پنهنجي ملڪ جرمنيءَ کي بہ سنڌواسين سان مانوس ڪرائڻ جو باعث بنيو. سنڌواسين ڊاڪٽر ٽرمپ جي سنڌي علم دوستيءَ جو اثر بہ علم دوستي ۽ ادب پروريءَ جي صورت ۾ ڏنو، ۽ جرمنيءَ جي مکيہ ليکڪن توڙي اديبن جا شاهڪار ۽ شهپارا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيا. ١٩١١ع ۾ مرزا قليچ بيگ جرمنيءَ جي مشهور اديب ڪرستاف وان شمت (٤٤)، جي هڪ ناول جو ترجمو ”گلن جي ٽوڪري“ جي نالي سان ڪيو. ١٩٢٣ع ۾ وري ڄيٺمل پرسرام جڳ مشهور عالم ۽ اديب گوئٽي (٤٥) جي فائوسٽ (Foust) کي سنڌي ناٽڪ جو روپ ڀرايو. انهيءَ کان پوءِ ١٩٣١ع ۾ احمد غلام علي چاڳلا وري ڊرامو ”خوني“ ترجمو ڪيو، جيڪو اصل ۾ جرمنيءَ جي هڪ اديب رچرڊ ووس (Richard voss)(٤٦) جو لکيل هو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ (Sindhi Adabi Board) طرفان ”گِرم جون آکاڻيون“ ڪتاب شايع ٿيو آهي، جيڪو جرمنيءَ جي ٻن نامور اديبن جيڪب (Jacob) ۽ وليم (William)(٤٧) جي محنت جو نتيجو آهي. انهيءَ کانسواءِ سنڌ توڙي هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جا عالم ۽ اديب، شاعر ۽ محقق جرمنيءَ جي معياري ادب جو اڄ بہ ترجمو ڪري رهيا آهن. مثال طور ١٩٦٨ع ۾، نامور جرمن شاعر پروفيسر ڊاڪٽر گرڊ ليوبڪي ۽ سندس اهليہ مسٽر ارمگارڊ ليوبڪي گريف جا چند نظم، مسٽر ناشاد سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا، جي مهراڻ، روح رهاڻ ۽ نئين زندگيءَ ۾ شايع ٿيا هئا. ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڊاڪٽر غلام حيدر ٻُرڙي، جڳ مشهور جرمن مستشرق ڊاڪٽر انيميري شمل جي ڪن تحريرن جا سنڌي ترجما ڪيا اهن. جيئن تہ هي موضوع اسان جي بحث کان ٻاهر آهي، ان ڪري ان کي اوسٽي نظرانداز ڪرڻو پوي ٿو.

آخر ۾ مختصر طور تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ جيئن ڪرستاني مذهب جي تبليغ ٿي آهي، تيئن هتي سنڌي زبان ۾ ڪرستاني ادب جي اوسر بہ ٿي آهي. عيسائيت جتي اسان جي ٻولي ۽ علم ادب تي اثرانداز ٿي آهي، اتي انهيءَ کان پاڻ بہ متاثر ٿي آهي.

[باقي آئينده]

Gul Hayat Institute

حبيب الله رحيم بخش مرزا

# حيدرآباد جو اڳيون اوج

(قسط — ٢)

## هندن جا ڏڻ وار ۽ خاص مهينا

سنڌي زبان ۾ هڪ پهاڪو آهي، حالانڪ ان کي حيدرآباد جا هندو ئي استعمال ڪندا هئا ته ”هندن جا ڏڻ هفتي ۾ ڏهه.“ ٻين لفظن ۾ ته هندن جي حساب موجب، سال جي ٽي سؤ سٺ ڏينهن مان، اهڙو ڪو ڏينهن آهيئي ڪونه، جنهن جو ڪونه ڪو قدر يا فائدو يا نقصان نه هجي. ڇاڪاڻ ته هندو ماڻهن لاءِ ٽپڻو يا جنتري، سندن روزمره جي ڪمن ڪارين ڪرڻ لاءِ آشد ضروري هوندو آهي. تنهنڪري ان جي روءِ ڪان هر ڏينهن کنهن خاص ڳالهه لاءِ اهميت رکي ٿو، ۽ هر سنڌي تاريخ ڪانه ڪا نسبت رکي ٿي.

عام هندن ۾ سواءِ عاملن جي ٽپڻو رکڻ هڪ ضروري ڳالهه هوندي آهي. هندن ۾ عموما اها پراڻي پرت اڄا هلندي ٿي اچي ته هو جڏهن ٻه ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ، مثلاً ٻاجي وغيره جي خريد ڪرڻ لاءِ يا ڪو وڏو واپار ڪرڻ لاءِ گهر مان نڪرندا آهن ته پڇي ٻڪ ڪري پوءِ ٻاهر قدم رکندا آهن، مبادا اهو ڏينهن نحس نه هجي يا ٻاجي وغيره جي صورت ۾ اهڙو ڏينهن نه هجي جو هو ان ڏينهن فقط ويشنو کاڌو کائين. يعني اُن ڏينهن ماس يا مڇي نه کائين. گيارس، ست نارائڻ يا اهڙي کنهن ٻئي ڏينهن تي هندو فقط ٻاجي يا ٻيو ويشنو کاڌو واپرائيندا آهن. اهڙا ڏينهن ته هر مهيني ۾ هوندا آهن. پر انهن ڏينهن تي ٻيو ڪاروبار جاري هوندو آهي. البت اهي ٻه انهن لاءِ متبرڪ ڏينهن هوندا آهن.

ٻيا ڏينهن جي هندو خصوصاً حيدرآباد جا پائيبند وارينداآهن، انهن ۾ آماس اهميت رکي ٿي. هن ڏينهن تي ڪاروبار بند هوندو آهي. هر دڪاندار آماس جي ڏينهن پنهنجي دڪان يا ڪوٺيءَ جي چنبڙ ڦوڪ ۽ صفائي ڪندو آهي. آماس هر سنڌي مهني جي ڇاڙيءَ وارو ڏينهن هوندو آهي، خصوصاً ٣٠ تاريخ، جنهن ڏينهن چنڊ بلڪل ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي.

چنڊ يا سج گرهڻ جي وقت ٻه هندو ماڻهو ٻيو ڪم ڪين ڪندا آهن. هڪ دفعي چنڊ گرهڻ ٿيو هو. هندو دوستن چيو ته: ”جڏهن گرهڻ لهندو، تڏهن سنان ڪرڻ لاءِ ڦليلي واهه

**نفيس احمد شيخ** **(رپورٽ خصوصي)**

# نئشنل بوڪ سيمينار- حيدرآباد

گذريل ٢٦-٢٧ مئي ١٩٨١ع تي، حيدرآباد ۾ ”قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ڪتابن ۽ ادب جي مسئلن“ تي هڪ قومي سيمينار ٿي گذريو، جنهن جو اهتمام نئشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان، سنڌي ادبي بورڊ جي تعاون سان ڪيو هو.

علاقائي ٻولين ۾ ڪتابن، مصنفن، ڪتب فروشن ۽ ناشرن جي مسئلن متعلق مذڪور سيمينار ڪوٺائڻ جي تجويز گذريل ٻن سالن کان نيشنل بوڪ ڪائونسل جي ويچار هيٺ هئي. پر ڪائونسل جي متعدد ميٽنگن ۾ هر ڀيري ان کي ملتوي ڪيو ويندو هو. جناب غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڪائونسل جي ان پاليسيءَ تي احتجاج ڪيو ۽ ڪائونسل جي تڏهوڪي چيئرمن جناب عبدالعلي خان، سيڪريٽري وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان کي گذارش ڪئي ته سيمينار فوراً ڪرايو وڃي ۽ حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو وڃي. جناب غلام رباني ڪائونسل کي يقين ڏياريو ته حيدرآباد ۾ سيمينار ڪوٺائڻ ۾ ڪائونسل کي ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان ڪم ۾ ڪائونسل سان مڪمل تعاون ڪندو.

ڪائونسل مسئلي جو مفصل جائزو وٺڻ بعد حيدرآباد ۾ سيمينار ڪوٺائڻ جي تجويز قبول ڪئي ۽ فيصلو ڪيو ته سيمينار ۾ علاقائي زبانن سان گڏ قومي زبان ۾ ڪتابن جي مسئلن جو پڻ جائزو ورتو ويندو ۽ ڪانفرنس کي فقط زبان ۽ ادب جي چوند ماهرن تائين محدود رکيو ويندو، ۽ ان جي اجلاسن کي پبلڪ ميٽنگن يا عام جلسن جي شڪل نه ڏني ويندي. ڪائونسل وضاحت ڪئي ته هر زبان سان ٻه يا ٽي ماهر سيمينار ۾ مدعو ڪيا ويندا، پر درسي ڪتابن ۽ ٻين اهڙن فني عنوانن لاءِ ڪي خاص ماهر پڻ ڪائونسل جي اجازت سان مدعو ڪري سگهبا.

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب سيمينار جو جنرل پريزيڊنٽ، نئشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان جو قائم مقام ڊائريڪٽر جنرل جناب ابراهيم سعد سيمينار جو ٽيڪنيڪل ڊائريڪٽر، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري جناب غلام رباني آگرو سيمينار جو سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيا ويا.

ڪائونسل جي انهن فيصلن جي روشنيءَ ۾، مئي جي آخر ۾ حيدرآباد ۾ سيمينار ڪوٺايو ويو. ان جي انتظام ۾ جناب غلام ربانيءَ جي گذارش تي حيدرآباد جي ڊويزنل

”برصغير ۾ مسلمانن جو تعليمي سرشتو هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ساڳيو هو. اسان جا وڏا اول قرآن ڪريم پڙهندا هئا ۽ پوءِ گلستان، بوستان ۽ سڪندرنامه سکندا هئا. ان قسم جي تعليمي نظام برصغير اندر علم، ادب ۽ ثقافت جي هڪجهڙائي پيدا ڪئي هئي؛ پر اها ڳالهه مقامي تهذيب، ڪلچر، فڪر ۽ فلسفي جي فروغ ۾ ڪنهن به طرح رڪاوٽ ثابت نه ٿي. آن جو ثبوت سنڌ ۾ اسان کي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ واضح طور نظر اچي ٿو. انهيءَ ڳالهه کي خيال ۾ رکبو ته قبول ڪرڻو پوندو ته تعليمي سرشتي جي هڪجهڙائي ڪنهن به طرح ڪنهن زبان يا ادب جي خلاف ڪونه آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪنهن به زبان ۾ جيڪو ادب تخليق ڪيو وڃي، آهو اعليٰ ۽ دائمي قدرن جو حامل هجي. ساڳئي وقت عوامالناس، توڙي نئين نسل لاءِ جيڪي ڪتاب لکيا وڃن، سي حقائق تي مبني هجن ۽ انهن ۾ گهٽي کان گهٽي معلومات ڏني وڃي ته جيئن اسان جا ٻار وڏا ٿي، موجوده چٽاڀيٽين واري ماحول ۾ دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌي سگهن. مان سمجهان ٿو ته اسان جي اديبن ۽ عالمن تي تمام وڏي جوابداري عائد ٿئي ٿي ته هو اسان جي عوام جي رهبريءَ لاءِ سچ، سونهن ۽ نيڪيءَ جي معيارن تي سٺا لکيل ڪتاب پڙهندڙن کي پيش ڪن ۽ ان ڳالهه جي خاطري ڪن ته اسان جو ادب، اسان جي قومي نظريي يعني اسلامي تعليم ۽ اسلامي ضابطهء اخلاق جو آئينه دار آهي.

”مسٽر غلام رباني، مسٽر ابراهيم سعد ۽ مس شيوليٽ پنهنجين تقريرن ۾ سٺن ڪتابن جي فروغ لاءِ قابل قدر تجويزون ڏنيون آهن، جيڪي تعليم، علم ۽ ادب جي دائرن ۾ قومي پاليسيون وضع ڪرڻ جي ڏس ۾ حڪومت لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿينديون. مون کي اميد آهي ۽ مان دعا ٿو ڪريان ته عالمن، اديبن ۽ ڪتابن جي ماهرن جو هي سيمينار هرطرح سان ڪامياب ثابت ٿيندو.“

ڪراچيءَ ۾ يونيسڪو جي ريجنل آفيس جي ڊئريڪٽر مسز مينمس شيوليٽ (Maenmas Chavalit) پنهنجي تقرير ۾ چيو ته نئشنل بوڪ ڪائونسل لاءِ اهو بيحد ضروري هو، جو هھڙو اهم سيمينار ڪوٺائي. محترمه خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۾ ڪتابي ترقيءَ لاءِ حقيقت پسندانه ۽ جامع پاليسي ۽ قابل عمل عملي رٿا موجود آهي. هن مسرت سان بيان ڪيو ته ڪتابي ترويج لاءِ سيمينار ۾ پيش ٿيندڙ موضوعات قومي زبان سان گڏوگڏ علائقائي زبانن تي به مشتمل آهن.

مس شيوليٽ نئشنل بڪ ڪائونسل ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي ساراهيو ۽ چيو ته هي ٻئي ادارا پاڪستان ۾ علم ۽ ادب جي ميدان ۾ قابل تعريف خدمت سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

سان علائقائي زبانن ۾ ترجمن جي دقت جي مسئلي تي گفتگو ڪئي. انهن کان سواءِ جن پين موضوعن تي پيپر پڙهيا ويا، تن جا عنوان هي آهن: جناب انور عنايت الله-- "پاراڻي ادب جي ترقي"؛ مخدوم ماهتاب اڪبر راشدي-- "خواتين جي ادب جا مسئلا"؛ جناب ڊاڪٽر محمد صالح شاهه بخاري-- "نصابي ڪتابن جا مسئلا"؛ جناب اشفاق احمد-- "علمي ادارن جا مسئلا"؛ جناب ڊاڪٽر انيس خورشيد-- "ڪتبخانن جا مسئلا". جناب اشفاق احمد سيمينار ۾ شريڪ ٿي نه سگهيو هو، ان ڪري سندس موڪليل پيپر جناب ذوالفقار احمد تابش پڙهيو.

## سيمينار جي پڇاڙي

اختتامي اجلاس ۾ چيف رپورٽر جناب مظهر يوسف حاضرين آڏو سفارشن جو مسودو پيش ڪيو، جيڪي هر پيپر کان پوءِ بحث مباحثي دوران مرتب ڪيون ويون هيون. سيمينار جي ٽيڪنيڪل ڊائريڪٽر جناب ابراهيم سعد، پريزيڊنٽ جناب علامه قاسمي صاحب، سيڪريٽري جنرل جناب غلام رباني آگري، سڀني مندوبين، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ ميوزيم جي ڪارڪنن جو شڪريو ادا ڪيو، جن جي توجهه ۽ تعاون سان سيمينار هر طرح ڪامياب رهيو.

## سفارشون

سيمينار ۾ مرتب ٿيل سفارشن مان چند اهم سفارشون هي آهن:

۱- اجلاس نيشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان کي مبارڪباد ڏئي ٿو، جنهن قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ادب ۽ ڪتابن جي مسئلن جهڙي اهم موضوع تي هن سيمينار ڪوٺائڻ جو اهتمام ڪيو آهي. اجلاس سفارش ڪري ٿو ته نيشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان جو دائره ڪار وسيع ڪري، ان کي گهربل مالي وسيلا فراهم ڪري ڏنا وڃن، جيئن هي ادارو پنهنجي مقصدن ۾ اڃا به وڌيڪ ڪم ڪري سگهي.

۲- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته پاڪستان جي سمورن علمي ۽ ادبي ادارن، جهڙوڪ سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، شاهه ولي الله اڪيڊمي، پنجابي اردو بورڊ، پشتو اڪيڊمي، بلوچي اڪيڊمي، براهوي اڪيڊمي، مرڪزي اردو بورڊ، ترقيءِ اردو بورڊ، مجلس ترقيءِ ادب، انجمن ترقيءِ اردو وغيره جي گرانٽن ۾ خاطرخواهه اضافو ڪيو وڃي.

۳- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته پرائمري سطح کان وٺي تعليم ڏيڻ جو ذريعو مادري زبان ۾ ڪيو وڃي ۽ اڳتي هلي ان کي ثانوي سطح تائين وسيع ڪيو وڃي.

۴- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ڪائونسل طرفان ملڪ ۾ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ منعقد ٿيندڙ نمائشن ۾ علائقائي زبانن ۾ ڇپيل ڪتابن کي پڻ نمائندگي ڏني وڃي.

۵- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته علائقائي زبانن کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي مناسب وقت ڏنو وڃي.

۶- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ماضيءَ ۾ وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن طرفان قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ اشاعت پذير رسالن جي تعطل کي ختم ڪري، دوباره اجراء لاءِ اجازت ڏني وڃي.

۷- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ شايع ٿيندڙ رسالن کي سرڪاري اشتهار ڏنا وڃن.

۸- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ شايع ٿيندڙ بهترين ڪتابن تي انعامن ڏيڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

۹- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ملڪ ۾ ۽ خاص طرح سان سرحد ۽ بلوچستان ۾، جتي ان ڳالهه جي وڏي ضرورت آهي، نين جديد پرنٽنگ پريسن جي قيام جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي.

۱۰- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته هر صوبي ۾ ڪاغذ جا وڏيڪ ڪارخانا لڳايا وڃن، جيئن هنن جي مقامي ضرورت جو خاطرخواه پورائو ٿي سگهي.

۱۱- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته سڀني صوبن ۾ لکندڙن، ايڊيٽرن ۽ نصابي ڪتابن جي چترڪارن لاءِ اسپيشل ڪورس ۽ ورڪشاپ قائم ڪيا وڃن.

۱۲- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته قومي استحڪام ۾ اضافي خاطر قومي ۽ علائقائي زبانن درميان ترجمن جي ڪم جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي.

۱۳- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته هر سال، واري سان، مختلف گاديءَ وارن شهرن ۾، مقامي طرح سان، انگريزي، اردو ۽ علائقائي زبانن ۾ ڇپيل ڪتابن جو هڪ "قومي ڪتاب ميلو" منعقد ڪيو وڃي.

۱۴- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته "قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ادب ۽ ڪتابن جا مسئلا" جي موضوع تي قومي سيمينار کي دائمي حيثيت ڏني وڃي، جيڪو واري سان، هر سال صوبائي گاديءَ وارن شهرن ۽ اترين علائقن ۾ منعقد ڪيو وڃي.

۱۵- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ماهنامه "ڪتاب" ۾، هر مهيني، ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڇپجندڙ سمورن ڪتابن جي لسٽ، انگريزيءَ سان گڏوگڏ قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ پڻ باقاعده شايع ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ سفارش ڪجي ٿي ته ڪائونسل طرفان صوبائي گاديءَ وارن شهرن ۾ پنهنجا رپورٽر مقرر ڪيا وڃن، جيئن ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڇپجندڙ نون ڪتابن جي ڄاڻ ڪان هيڊآفيس واقف ٿي سگهي.

۱۶- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ماهنامه "ڪتاب" جي جنوري ۸۲ع واري پرچي ۾، هلندڙ سال [۱۹۸۱ع] دوران ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ شايع ٿيل سمورن ڪتابن جي مڪمل لسٽ شايع ڪئي وڃي.

۱۷- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته اديبن ۽ شاعرن جي بين‌الصوبائي دورن جو اهتمام ڪيو وڃي.

۱۸- اجلاس شدت سان محسوس ڪري ٿو ته قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻي ادب جي ڪتابن جو معيار تمام افسوسناڪ آهي، تنهنڪري پرزور سفارش ڪجي ٿي ته ان



Gul Hayat Institute

موضوع وارن ڪتابن جي تصنيف ۽ اشاعت طرف خاطرخواه توجهه ڏني، انهن ڪتابن جو معيار وڌايو وڃي.

وڌيڪ سفارش ڪجي ٿي تہ ٻارن لاءِ معياري ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾، وفاقي ۽ صوبائي، ٻنهي سطحن تي ڀرپور ڪوشش ورتي وڃي.

۽ مزيد سفارش ڪجي ٿي تہ قومي سطح تي، سيني لئبررين ۾ ٻارن جي مطالع لاءِ اسپيشل لئبررين جي قيام جو اهتمام ڪيو وڃي.

١٩- اجلاس سفارش ٿو ڪري تہ ڪلاس ڇهين کان اٺين تائين تڪڙي اضافي مطالعي جو انتظام ڪيو وڃي.

مزيد سفارش ڪجي ٿي تہ اهڙا ڪتاب خانگي ناشرن جا ڇاپيل هجن ۽ صوبائي تعليمي ارباب بست و ڪشاد طرفان منظور ٿيل هجن.

٢٠- اجلاس سفارش ٿو ڪري تہ بنگلا ديش، سري لنڪا ۽ ڀارت ۾ موجود ادارن جي طرز تي، اسان وٽ پاڪستان ۾، وفاقي ۽ صوبائي سطحن تي، گهربل فنڊن سان، هڪ "بوڪ پروموشن بيورو" قائم ڪيو وڃي، جيڪو ادب، سائنس ۽ فني موضوعن تي ڪتاب شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪري.

٢١- اجلاس سفارش ٿو ڪري تہ وفاقي حڪومت جي فيصلي مطابق ملڪ ۾ پنجاهہ هزار لئبررين جي قيام لاءِ عملي اُپاءَ ورتا وڃن، جيئن قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ادب ۽ ڪتابن جي مسئلن جي حل ڪرڻ جي ڏس ۾ بنيادي طرح موثر قدم کڻي سگهجي.

اهي لئبرريون ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، يونين ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسلن، صوبائي گاديءَ وارن شهرن، اترين علائقن جي مکيہ شهرن، گرل گائيڊس ۽ بواءِ اسڪائوٽ هيڊڪوارٽرن، يوٿ هاسٽلن، مکيہ اسپتالن، ديني مدرسن ۽ نامور مسجدن ۾ قائم ڪيون وڃن.

اها پڻ سفارش ڪجي ٿي تہ انهن لئبررين کي گهربل فنڊ ڏنا وڃن، جيئن اهي ماهرن جي ڪميٽين جي توسط سان ڪتابن جي خريداريءَ جو بندوبست ڪن.

٢٢- اجلاس سفارش ٿو ڪري تہ يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جي لئبررين ۾ سائنسي ۽ فني موضوعن تي ڪتابن جو خاطرخواه اضافو ڪيو وڃي.

٢٣- اجلاس سفارش ٿو ڪري تہ سيڙپ جي مالياتي ادارن کي چيو وڃي تہ ناشرن کي مشنري، ڪيميڪلس، پليٽن ۽ ڪتابي صنعت لاءِ درڪار ٻئي سازسامان جي درآمد لاءِ نفعي جي رعايتي نرخن تي ائڊوانس قرض جي سهوليت ڏني وڃي.

اها پڻ سفارش ڪئي وڃي تہ ان قسم جي درآمد ڊيوٽيءَ کان مستثنيٰ قرار ڏني وڃي.

ميمڻ صاحب، حيدرآباد ۾ اهڙي اهم سيمينار ۽ نمائش جي انعقاد تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي، ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان پهتل مندوبين کي خوش آمديد چيو ۽ نهايت موثر نموني ۾ معاشري جي اصلاح ۾ اديب ۽ دانشور جي ڪردار جي اهميت تي ڳالهايو. سندس دولايز شخصيت جي شگفته مزاجي، آدرڀاءُ ۽ خلوص مندوبين کي نهايت متاثر ڪيو.

ان کان پوءِ ڪمشنر صاحب نمائش جو افتتاح ڪري، ڪتابن جو معائنو ڪيو. سنڌ ميوزيم جي طويل ورانڊن ۾ حد نظر تائين سجايل اسٽالن تي مختلف موضوعن تي تمام قيمتي ڪتابن جو ذخيرو موجود هو، انهيءَ نمائش ۾ ملڪ جي نامور ادارن حصو ورتو هو ۽ خاص ڪري علائقائي ٻولين جي علمي ادارن، سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، شاهه ولي الله اڪيڊمي، پشتو اڪيڊمي، بلوچي اڪيڊمي، پنجابي اڪيڊمي جا شايع ڪيل ڪتاب پڻ ناظرين جي دلچسپي ۽ توجهه جو مرڪز هئا.

## سير و تفريح

٢٨- مئي تي، صبح جو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي دعوت تي جڏهن مندوبين سنڌ يونيورسٽي نيوڪئمپس پهتا، ته سنڌالاجيءَ جي پروفيسر انچارج، جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب مهمانن جي آجيان ڪئي. ان موقعي تي الانا صاحب مهمانن کي اداري جا مختلف شعبا ڏيکاريا ۽ ڪم ڪار کان واقف ڪيو. مندوبين سنڌالاجيءَ جي ڪم کي ڏسي بيحد متاثر ٿيا ۽ سنڌي ثقافت بابت قيمتي ڄاڻ حاصل ڪيائون.

سيمينار جي پڄاڻيءَ کان پوءِ جمع ٢٩- مئي، خاص طرح سير تفريح (Sight - Seeing) لاءِ مڪلي ۽ ٺٽي جو پروگرام رکيل هو. مندوبين حيدرآباد مان رواني ٿيڻ کان پوءِ ڪينجهر ڍنڍ تي ڪجهه دير تفريح لاءِ ترسيا، جتي ٺٽي جي اسسٽنٽ ڪمشنر پير ضياءالحق سهروردي ۽ محڪمه آثارقديمه جي مسٽر شرافت علي خان آجيان ڪئي. ڪينجهر جي تاريخي پس منظر ۾ هنن ڪجهه دير لاءِ ريسٽ هائوس ۾ هڪ مختصر پر مني علمي ۽ ادبي مجلس ڪئي، جنهن جو اختتام سنڌ جي ثنا ۽ سنڌ کي دعائن سان ٿيو.

ٺٽي جي تاريخي شهر ۾ اول شاهجهاني مسجد ۽ ملحقه آثار ڏٺائون ۽ ان کان پوءِ مڪليءَ تي دولهه درياخان ۽ ڄام نظام الدين جي آخري آرامگاهن کان وٺي مغليه مقبرن جو معائنو ڪيائون.

منجهند جي ماني‌ءَ جو بندوبست ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽي طرفان رکيل هو. سرڪٽ هائوس ۾ ڪائونسل جي چيئرمن رئيس محمد موسيٰ خان چانڊيي، مندوبين جي آجيان ڪئي. لنچ کان پوءِ موڪلائڻ مهل چانڊيه صاحب، سنڌ جي روايت موجب، سيني مندوبين کي سنڌي ڪلچر جي نشان اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا، جنهن جو مهمانن دل جي گهراين مان شڪريو ادا ڪيو. ان کان پوءِ مندوبين پنهنجن ماڳن تي پهچڻ لاءِ ڪراچي روانا ٿي ويا.

*　　　*　　　*



Gul Hayat Institute

سيمينار دوران حيدرآباد ۾ مندوبين جي اعزاز ۾ نهايت پُروقار دعوتن جو سلسلو جاري رهيو. حيدرآباد ڊويزن جي علمدوست ڪمشنر جناب عبدالله ميمڻ صاحب پاهران آيل مهمانن جي مانَ ۾ جمخاني ۾ هڪ پُرتڪلف دعوت ڏني. ان طرح سنڌي ادبي بورڊ جي دعوت ڪان پوءِ سائنجيز هوٽل جي سبزه زار تي رات جو منعقد ٿيل شعر و شاعريءَ جي محفل نهايت خوشگوار ۽ دلچسپ رهي.

وقت جي ڪميءَ جي باوجود، ٿوري وقت لاءِ مندوبين جي اعزاز ۾ هڪ مختصر محفل موسيقيءَ جو اهتمام پڻ ڪيو ويو هو. ان موقعي تي راڳ راڻي عابده پروين شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، غلام فريد، بُلا شاهه جو سنڌي-سرائڪي عارفانه ڪلام ٻڌائي مندوبين کي جهُومائي ڇڏيو.

ان طرح حيدرآباد ۾ ٻن ڏينهن جي رهائش دوران، مقامي اديبن، شاعرن، تعليمدانن، سان مندوبين جون ملاقاتيون رهيون، جن جي خوشگوار يادگيري کڻي هو پنهنجن شهرن ڏانهن واپس روانا ٿيا ۽ اتان سيمينار جي منتظمين: جناب عبدالله ميمڻ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن، جناب ابراهيم سعد ڊائريڪٽر جنرل نشنل بوڪ ڪائونسل، جناب غلام مصطفيٰ قاسمي چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جناب غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، جناب منظور حسين پُنهي ائڊيشنل ڪمشنر حيدرآباد، جناب عبدالحميد آخوند، جناب ظفر ڪاظمي، جناب جوهر حسين، محترمه مهتاب اڪبر راشدي، جناب علي محمد چنا، جناب عبدالغفار صديقي، جناب سليم قريشي، بنده راقم ۽ ٻين رفيقن لاءِ مبارڪباد جا پيغام موڪليائون.

جناب ابراهيم سعد، ڊائريڪٽر جنرل نشنل بوڪ ڪائونسل، سيمينار جي مندوبين کي اطلاع موڪليو ته سفارشون حڪومت پاڪستان جي وزارت تعليم ڏانهن ضروري حڪمن جاري ڪرڻ لاءِ موڪليون ويون آهن.



Gul Hayat Institute

نفيس احمد شيخ (تفصيلي جائزو)

# پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس

۲۸—۲۹ ڊسمبر ۱۹۸۱ع تي اسلام آباد ۾ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جي ڪوشش سان، گذريل سال وانگر، هڪ عظيم الشان ”پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس“ منعقد ٿي، جنهن جو افتتاح صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق ڪرڻ فرمايو.

ڪانفرنس ۾ ملڪ جي چئني صوبن کان علاوه آزاد ڪشمير ۽ اترين علائقن جي لکندڙن به شرڪت ڪئي، جن جو مجموعي تعداد پنج سؤ کان به مٿي هو.

سنڌي زبان جي ليکڪن مان علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، جناب غلام رباني، جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا، جناب تنوير عباسي، جناب علي احمد بروهي، جناب محمد حسين پنهور، جناب پروفيسر محمد اسحاق ابڙو، جناب نياز همايوني، جناب ڊاڪٽر عطا محمد حامي، جناب اياز حسين قادري، جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جناب مرزا اسد بيگ، جناب قاضي خادم، جناب قربان علي بگٽي، جناب بشير احمد شاد، جناب اسدالله ڀٽو، جناب ڪئپٽن محمد يوسف، جناب عبدالخالق بلوچ، محترمه خيرالنساء جعفري ۽ بنده راقم کي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڪوٺ ڏني وئي هئي. قاسمي صاحب، رباني صاحب، الانا صاحب ۽ جعفري صاحبه کان سواءِ سڀ ڪري شريڪ ٿي نه سگهيا هئا. مقامي مندوبين مان جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب امر جليل ۽ ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙو شريڪ ٿيا.

اسلام آباد پهچڻ تي، جناب مسيح الدين احمد صديقي ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس ۽ سندس رفيقن مهمانن جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ کين اسلام آباد هوٽل ۽ هاليڊي - اِن هوٽل ۾ پهچايو، جتي سندن قيام جو انتظام هو.

۲۸- ڊسمبر ۱۹۸۱ع صبح جو ۱۱ بجي، قومي اسيمبليءَ جي تاريخي هال ۾ صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق ڪانفرنس جي افتتاح لاءِ تشريف فرما ٿيو. وفاقي وزير تعليم جناب محمد علي خان آف هوتي، اڪيڊمي آف ليٽرس جو چيئرمن ميجر جنرل (رٽائرڊ) شفيق الرحمان ۽ اڪيڊميءَ جو ڊائريڪٽر جنرل جناب مسيح الدين احمد صديقي ساڻس گڏ هئا.

اول قاري عبيدالرحمان ڪلام مجيد مان ان آيت جي تلاوت ڪئي، جا سڀ کان پهرين نازل ٿي هئي: ”اقرا باسم ربک ...“ ان کان پوءِ سيد ناصر جهان روح پرور آواز ۾ نعت خواني ڪئي.

آهي دنيا ۾ جارح قوتن کي ناڪام بنائڻ ۽ دنيا کي اسلح خاني کان محفوظ رکڻ لاءِ قلم جي قوتن کي سرگرم رکن. ان ٺهراءُ ۾ ٻن وڏين طاقتن جي آويزش جي نتيجي ۾ مختلف ملڪن ۾ پيدا ٿيل حالتن تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو. ان ڏس ۾ مشرق وسطيٰ، افغانستان ۽ پولنڊ ۾ نمايان جارحيت جو ذڪر ڪري چيو ويو ته امن عالم ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ قدم کڻڻ ضروري آهن.

هڪ ٻئي ٺهراءُ ۾ پاڪستان ۾ اسلامي تعليم کي لازمي مضمون جي حيثيت ڏيڻ واري فيصلي کي ساراهيو ويو ۽ حڪومت کي اپيل ڪئي ويئي ته عربي ۽ فارسي تعليم تي پڻ خصوصي توجهه ڏنو وڃي ۽ ان کي ثانوي سطح تائين لازمي قرار ڏنو وڃي.

جناب اسدالله ڀٽي جي پيش ڪيل ٺهراءُ ۾ افغانستان ۾ غير ملڪي جارحيت تي پاڪستان جي موقف کي ساراهيو ويو ۽ حڪومت کي يقين ڏياريو ويو ته سامراجيت ۽ لاديني قوتن کي ننگي ڪرڻ لاءِ ۽ عالمي راءِ عامه کي بيدار ڪرڻ جي ڏس ۾ لکندڙن جا قلم وقف رهندا.

هڪ ٻئي ٺهراءُ وسيلي حڪومت کان تقاضا ڪئي ويئي ته لکندڙن جي جائز مفادن جي سنڀال لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ گڏيل اهل قلم ڪانفرنس جي سفارشن کي عملي شڪل ڏني وڃي.

هڪ ٻئي ٺهراءُ ذريعي مخرب الاخلاق ۽ لاديني لٽريچر جي اشاعت تي تشويش جو اظهار ڪندي حڪومت کان گهُر ڪئي ويئي ته اهڙي ادب تي بندش وڌي وڃي.

ڪانفرنس ختم ٿيڻ کان پوءِ، گڏيل سال وانگر، صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق، مهمانن جي مان ۾ دعوت ڏني، جا نئين تعمير شده پريزيڊنٽ هائوس جي ”ايوان ضيافت“ ۾ هئي. ان موقعي تي استقباليه هال ۾ صدر صاحب اديبن ۽ شاعرن سان ملاقات ڪئي. اڪيڊمي آف ليٽرس جي ڊائريڪٽر جنرل جناب مسيح الدين احمد، فرداً فرداً، لکندڙن کي صدر صاحب سان متعارف ڪرايو، جن ۾ خواتين لکندڙن جو پڻ وڏو تعداد هو. مندوبين صدر صاحب کي ڪي نجي نوعيت جا مسئلا پڻ ٻڌايا ۽ ڪيترن ئي اديبن ڪتاب تحفاً پيش ڪيا. صدر صاحب هر مهمان کي پنهنجي خنده پيشاني ۽ خوش خلقيءَ سان موهيو.

ڪانفرنس جي هيءَ سڄي ڪاروائي ان اپيل سان پڄاڻي تي پهتي ته معاشري کي اسلامي قالب سان همڪنار ڪرڻ لاءِ لکندڙ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ ان ڏس ۾ حڪومت جي ڪوشش ۾ هٿ ونڊائين. لکندڙن جو توجهه ڇڪايو ويو ته هو اسلام جي سربلندي ۽ عظمت جي لاءِ ڪم ڪن، ۽ پنهنجين ڪاوشن ۾ اسلامي قدرن کي اجاگر ڪن، جيئن معاشري کي اسلامي نظرين سان همرنگ ڪرڻ واري نيڪ مقصد ۾ مدد ملي سگهي ۽ ان طرح سان تحريڪ پاڪستان جي مقصدن جي حاصلات ٿي سگهي. ساڳئي وقت ملڪ ۾ اسلامي نظام رائج ڪرڻ جي سلسلي ۾ حڪومت جي ڪوشش کي ساراهيو ويو.

---

# سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڪتاب

## سنڌ ـ هڪ عام جائزو

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي هڪ مستند سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تاريخ شايع ڪرڻ جو پروگرام رٿيو آهي. انهيءَ پروگرام هيٺ موهن جي دڙي واري اوائلي دؤر کان وٺي ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ تائين سنڌ جي تاريخ نَون جِلدن ۾ شايع ڪئي ويندي. اهي نَوئي جِلد سنڌي، اردو ۽ انگريزي، ٽنهي ٻولين ۾ شايع ٿيندا.

بورڊ فيصلو ڪيو ته تاريخ جي هرهڪ جِلد لکڻ جو ڪم اهڙي عالم کي ڏنو وڃي، جيڪو انهيءَ مخصوص دؤر تي وڌ ۾ وڌ معلومات رکندو هجي. انهيءَ اصول تحت تاريخ جي انهن جِلدن لکڻ جو ڪم سنڌ، پاڪستان ۽ ڪن ٻاهرين ملڪن جي عالمن کي سونپيو ويو. مسٽر لئمبرڪ نالي هڪ صاحب انگريزن جي حڪومت ۾، سنڌ ۾ اعليٰ عملدار هو. سن ٣-١٩٤٢ع واري مارشل لا ۾ پڻ هو وڏن وڏن عهدن تي فائز رهيو. مسٽر لئمبرڪ سنڌ سان گهري گهاٽي لاڳاپي هئڻ ڪري سنڌ تي متعدد عالمانه ڪتاب لکيا آهن، جن کي وڏي قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

مسٽر لئمبرڪ سنڌ جي تاريخ جا پهريان ٻه جِلد لکڻ جو ڪم قبول ڪيو ۽ رٿيل ميعاد اندر ڪم پورو ڪري ڏنو. اهي ڪتاب انگريزيءَ ۾ شايع ڪيا ويا. هينئر بورڊ پنهنجي پروگرام موجب سنڌيءَ ۾ شايع ڪري رهيو آهي.

هي ڪتاب مسٽر لئمبرڪ جي لکيل پهرئين جِلد جو سنڌي ترجمو آهي.

ڊيمي سائيز، بهترين سفيد ڪاغذ، عمده ڇپائي، دلڪش سرورق، جاذب گيٽ اپ، ١٥ فوٽو ۽ ١٥ نقشا، صفحا ٤٨٦، قيمت پنجاهه رپيا.

## ڪيمياءِ سعادت

اسلامي دنيا ۾ غزالي، عالمن جي پهرينءَ صف ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس علم، فڪر، تصنيف، تاليف ۽ پرهيزگاري سڀان عام طرح ڪيس امام غزالي ڪوٺيو ويندو آهي.

امام غزالي جون بي شمار تصنيفون آهن. انهن ۾ ”ڪيمياءِ سعادت“ گهڻو مشهور آهي.

سنڌي ادبي بورڊ، گهڻو اڳي ”ڪيمياءِ سعادت“ جي تلخيص سنڌي زبان ۾ شايع ڪئي هئي. سنڌي ترجمي جو ڪم پروفيسر غلام حسين جلباڻي سرانجام ڏنو هو.

سنڌي زبان جي ممتاز عالم ۽ اديب شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ ”ڪيمياءِ سعادت“ جو مڪمل ترجمو ڪيو آهي، جو بورڊ طرفان مختلف حصن ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

هي ڪتاب، ان سلسلي جو پهريون حصو آهي.

ڊيمي سائيز، سفيد ڪاغذ، عمده ڇپائي، دلڪش سرورق، جاذب گيٽ اپ، صفحا سوا ٻه سؤ. قيمت سفيد ڪاغذ ويهه رپيا ۽ عام ايڊيشن پندرهن رپيا.

### ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال، سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو
(پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)



صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق، ٢٨- ڊسمبر ١٩٨١ع تي قومي اسيمبلي هال اسلام آباد ۾، پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي.



الازهر ۽ اسلام جي عظيم نظام ۾ علم هڪ محترڪ قوت آهي ۽ مسلم معاشري ۾ تعليم کي هميشه مرڪزي اهميت حاصل رهي آهي. هيءَ آهي دنيا جي مشهور اسلامي يونيورسٽي الازهر. صدين کان وٺي 'الازهر' مان اسلامي علمن: دينيات، عربي زبان، طب، سائنسي علم ۽ فن. تعمير ۾ سوين هزارين ڊگريون ڏنيون وڃن ٿيون.